Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :12 | ڇنڇر 18 نومبر 2023 ع بمطابق 03 جماد الاول 1445ھ | شمارو:38 | قيمت10 روپيا

ايم ڪيو ايم جي حالت پينو فقير واري ٿي وئي آهي: سعيد غني

ووٽ ڪي عزت ڏيو جو نعرو هڻندڙ پارٽي گمراھ ٿي رهي آهي، پليئنگ فيلڊ تحريڪ انصاف ۽ ايم ڪيو ايم سميت سمورين سياسي پارٽين لاءِ هئڻ گهرجي

پيپلز پارٽي پنهنجي نہ پر ملڪ جي بهتر مستقبل لاءِ صاف ۽ شفاف چونڊن جي خواهشمند آهي، پيپلز پارٽي سنڌ صوبي خاص طور راڄڌاني ڪراچي جي عوام ۾ مقبول آهي

وڪيل برادري بہ اهڙي طرفان پ پ جو حصو بڻجي رهي آهي، خميس ڏينهن 3 سئو وڪيل فورم جو حصو بڻيا

وڪيل برادري جو جمهوريت ۾ هڪ وڏو ڪردار آهي، ملڪ ۾ جڏهن جڏهن غير جمهوري دور آيا وڪيلن قربانيون ڏنيون

پ پ پارٽي پهريان کان وڌيڪ سيٽون حاصل ڪندي، وفاقي حڪومت پيپلز پارٽي جي هوندي ۽ بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم بڻجندو

ڪراچي شهر جون حالتون هاڻي بهتر آهن، ايم ڪيو ايم جي دهشت اڳيان ڪوبہ نہ ڳالهائيندو هو ۽ ميڊيا جي آفيسن تي حملا ٿي ويندا هئا

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ سعيد غني چيو آهي تہ ووٽ ڪي عزت ڏيو جو نعرو هڻندڙ پارٽي گمراھ ٿي رهي آهي. پليئنگ فيلڊ تحريڪ انصاف ۽ ايم ڪيو ايم سميت سمورين سياسي پارٽين لاءِ هئڻ گهرجي، پيپلز پارٽي پنهنجي نہ پر ملڪ جي بهتر مستقبل لاءِ صاف ۽ شفاف چونڊن جي خواهشمند آهي. ڪراچيءَ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو تہ پيپلز پارٽي سنڌ صوبي خاص طور راڄڌاني ڪراچي جي عوام ۾ مقبول آهي، وڪيل برادري بہ اهڙي طرفان پ پ جو حصو بڻجي رهي آهي. خميس ڏينهن 3 سئو وڪيل فورم جو حصو بڻيا. سندس چوڻ هو تہ وڪيل برادري جو جمهوريت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: پ پ اڳواڻ سعيد غني ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

عمران خان اڳوڻي آمريڪي سفير خلاف قانوني ويڙھ وڙهڻ جو چيو آهي: عليم خان

راولپنڊي (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان چيو آهي تہ ڪيس اڊيالا جيل ۾ قيد ڀاءُ ٻڌايو آهي تہ سائفر سازش ۾ آمريڪي سفارتخانو پوري طرح ملوث هيو، آمريڪي سفير ڊونلڊ لو خلاف آمريڪي عدالتن ۾ قانوني جنگ وڙهنداسين. اڊيالا جيل ٻاهران ميڊيان سان ڳالهائيندي عليمه خان ٻڌايو تہ پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

خاص طور اقليتن ۽ ڪمزور طبقن خلاف عدم برداشت ۽ انتهاپسند رويي جي گنجائش ناهي : جنرل عاصم منير

رياست ڪانسواءِ ڪنهن بہ اداري، گروھ پاران طاقت جو استعمال قبول ڪرڻ جوڳو ناهي: آرمي چيف

بنا ڪنهن مذهبي، صوبائي يا ڪنهن ٻئي فرق جي پاڪستان تمام پاڪستانين جو آهي ۽ رياست ڪانسواءِ ڪنهن اداري يا گروھ جو طاقت جو استعمال ۽ هٿياربند ڪارروائي ناقابل قبول آهي

عالمن ۽ مذهبي اڳواڻن ملڪ ۾ رواداري، امن لاءِ رياستي ڪوشش ۽ سيڪيورٽي فورسز جي اڻٿڪ ڪاوشن لاءِ پنهنجي ڀرپور حمايت جاري رکڻ جو عزم ورجايو: آءِ ايس پي آر

آرمي چيف انتهاپسندن، دهشتگردن جي ورغلائيندڙ پروپيگنڊا جي خاتمي لاءِ عالمن جي فتويٰ ”پيغام پاڪستان“ کي ساراهيو

آرمي چيف عالمن کان ورغلائيندڙ پروپيگنڊا جي مشهوري جي تدارڪ ۽ اندروني اختلاف ختم ڪرڻ تي زور ڏنو

فورم غزا ۾ جاري جنگ ۾ هٿين خالي فلسطين مٿان ظلمن تي ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ ان کي انسانيت خلاف ڏوھ قرار ڏنو

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي تہ رياست ڪانسواءِ ڪنهن بہ اداري يا گروھ طرفان طاقت جو استعمال ۽ هٿياربند ڪارروائي قبول ڪرڻ جوڳي ناهي ۽ خاص طور اقليتن ۽ ڪمزور طبقن خلاف عدم برداشت ۽ انتهاپسند رويي جي گنجائش ناهي. آءِ ايس پي آر موجب، آرمي چيف جنرل عاصم منير سان عالمن ۽ مذهبي اڳواڻن ملاقات ڪئي. ان دوران گڏيل طور تي انتهاپسندي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير عالمن ۽ مذهبي اڳواڻن ملاقات دوران خطاب ڪندي

عام چونڊن ۾ تحريڪ انصاف تي پابندي لڳائڻ جو ڪو بہ فيصلو نہ ٿيو آهي: مرتضيٰ سولنگي

پي ٽي آءِ تي پابندي لڳائڻ جي نہ ڪا ايجنڊا آهي ۽ نہ وري اهڙو ڪو معاملو غور هيٺ آهي

نون ليگ ۾ تازو شامل ٿيل اڳواڻ راجا رياض بہ پي ٽي آءِ کي چونڊن مان ٻاهر رکڻ واري پنهنجي پراڻي بيان تان هٽ ڪئي ويو

هاڻي صورتحال تبديل ٿي وئي آهي، پي ٽي آءِ کي چونڊون وڙهڻ جي اجازت ڏني ويندي : راجا رياض

اسلام آباد (م د) سڌ سماءُ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي تہ عام چونڊن ۾ تحريڪ انصاف تي پابندي لڳائڻ جو ڪو بہ فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: سڌ سماءَ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڊپٽي ڪمشنر سائوٿ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو جي هدايتن چڪاس ۽ ڏنڊن جي حوالي سان سب ڊويزن وار مجموعي رپورٽ جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر سائوٿ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو جي هدايتن تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سنڌ جي مذهبي معاملن واري کاتي جي ملازمن کي بہ مڪي کان مديني حج مشن لاءِ مقرري ۾ شامل ڪيو وڃي : سنڌ حڪومت

جڏهن صوبائي ڪوٽا مختص ڪئي وئي آهي تہ ان تي عمل ڇو ناهي ڪيو ويو؟ : مذهبي معاملن واري وزير عمر سومرو خط لکي ڇڏيو

سعودي عرب ۾ سرڪاري ملازمن کي وفاقي حج مشن ۾ خادم مقرر ڪرڻ ۾ صوبن کي ڪو بہ حصو نہ ڏنو پيو وڃي

هر سال 300 کان وڌيڪ وفاقي ملازم مڪي ۽ مديني ۾ حج جي فرض دوران حاجين جي خدمت لاءِ مقرر ڪيا ويندا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت مذهبي معاملن واري وفاقي کاتي کان اهو مطالبو ڪندي چيو آهي تہ سنڌ جي مذهبي معاملن واري کاتي جي ملازمن کي بہ مڪي کان مديني حج مشن لاءِ مقرري ۾ شامل ڪيو وڃي. قانون ۽ مذهبي معاملن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

غير قانوني پرڏيهين جي حوالي سان جامع رپورٽ جاري

ايس ايس پي ڏکڻ مان (72) غير قانوني پرڏيهين کي حراست ۾ ورتو ويو : رپورٽ

پهرين کان 16 نومبر تائين حراست ۾ ورتل غير قانوني پرڏيهين جو ڪل تعداد 187 آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊي سي آفيس (ڏکڻ) پهرين کان 16 نومبر 2023 تائين غير قانوني پرڏيهين جي حوالي سان جامع رپورٽ جاري ڪري ڇڏي. رپورٽ موجب ايس ايس پي ڏکڻ مان (72) غير قانوني پرڏيهين کي حراست ۾ ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مهانگائي، غربت ۽ بيروزگاري جو حل رڳو پ پ وٽ آهي، ايندڙ وزيراعظم جيالو هوندو: بلاول

جيڪڏهن هڪ ڀيرو وري سليڪشن ٿي تہ ملڪ کي وڌيڪ نقصان پهچندو، عوام سليڪٽڊ راڄ قبول نہ ڪندو

پاڪستان جي سڀ کان وڏي دشمن پراڻي سياست آهي، پراڻن سياستدانن وٽ عوامي مسئلن جو ڪو حل ناهي

پراڻا سياستدان مسئلن ۾ قائل آهن، اسان نئين سياست ذريعي مسئلن جو حل ڪنداسين : مردان ۾ پ پ جي ورڪرز ڪنوشن کي خطاب

مردان (م د) پ پ چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ سيني کي نظر اچي رهيو آهي ايندڙ چونڊون پيپلز پارٽي کٽيندي، پر جيڪڏهن هڪ ڀيرو وري سليڪشن ٿي تہ ملڪ کي وڌيڪ نقصان پهچندو، عوام سليڪٽڊ راڄ قبول نہ ڪندو. مردان ۾ پ پ جي ورڪرز ڪنوشن کي خطاب ڪندي هن چيو تہ پاڪستان جي سڀ کان وڏي دشمن پراڻي سياست آهي، پراڻن سياستدانن وٽ عوامي مسئلن جو ڪو حل ناهي، پراڻا سياستدان مسئلن ۾ قائل آهن، اسان نئين سياست ذريعي مسئلن جو حل ڪنداسين. بلاول چيو تہ سياست ۾ هڪ ٻئي جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

مردان: پ پ چيئرمين ۽ اڳوڻو پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جلسي کي خطاب ڪندي

پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف سائفر ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي ملتوي

راولپنڊي جي اڊيالا جيل ۾ خاص عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين سفارتي سائفر ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بي بي ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڀينرن سميت پيا اڊيالا جيل پهتا

خاص عدالت سائفر ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪنهن ڪارروائي جي 21 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي منع نامي ڪانپوءِ، خاص عدالت سائفر ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪنهن ڪارروائي جي 21 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. راولپنڊي جي اڊيالا جيل ۾ خاص عدالت جي جج ابو الحسنات ذوالقرنين تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

افغان ٽرانزٽ پاليسي پاڪستان جي معاشي تباهي جو سبب بڻي، چرڪائيندڙ انڪشاف

افغان ٽرانزٽ ٽريڊ جي درآمدي قدر جا انگ اکر پاڪستان جي مقابلي ۾ وڌيڪ آهن : ڪسٽمز اختيارين

2022_23 ۾ پاڪستان 84 ملين ۽ افغانستان لاءِ چار سئو چار ملين ڊالرز جا ٽائر امپورٽ ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) ڪسٽم انٽيليجنس رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي تہ افغان ٽرانزٽ ٽريڊ سبب پاڪستان کي غير معمولي مالي نقصان جو منهن ڏسڻو پيو ۽ افغان امپورٽس اسمگل ٿي پاڪستان ۾ ٿي وڪرو ٿينديون رهيون. ڪسٽمز اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

فوج کي بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي، پاڪستان جي تباهي جو ذميوار رڳو عمران خان ناهي: مولانا فضل الرحمان

پاڪستان ڪلمي جي نالي تي حاصل ڪيو پر اسان نظرياتي وطن جو حق ادا نہ ڪيو

اسان کي پراڻي لڪيرن کي مٽائي نئين مستقبل لاءِ رستو ٺاهڻو پوندو

صوبي ۾ اڳتي جي يو آءِ اڪثريت حاصل ڪندي، اڄوڪي جلسي مان ثابت ٿيو تہ ايندڙ حڪومت اسان جي آهي

پشاور (م د) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراھ مولانا فضل الرحمان چيو آهي تہ پاڪستان ڪلمي جي نالي تي حاصل ڪيو پر اسان نظرياتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو اگهہ گهٽجي ويو

ڪراچي (م د) اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي اگهہ ۾ گهٽتائي ٿي وئي آهي. نجي ٽي وي موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير محمد سميع سعيد اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاڪستان لاءِ 25 ڪروڙ ڊالرز قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي

اها رقم پاڪستان ۾ بجلي جي ورڇ واري نظام ۾ بهتري لاءِ استعمال ٿيندي

پنجاب ۽ ڪي پي ۾ بجلي جي ورڇ وارو نظام بهتر بڻايو ويندو

اسلام آباد (م د) ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاڪستان لاءِ 25 ڪروڙ ڊالر قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي. ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاڪستان لاءِ پنجويهہ ڪروڙ ڊالرز قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي، ايشيائي ترقياتي بئنڪ طرفان جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نو مئي سانحو: خديجہ شاھ کي نظربند ڪرڻ جو حڪم

نظربند ڪرڻ جو حڪم ايس پي ڪينٽ ۽ ڊسٽرڪٽ انٽيليجنس برانچ جي سفارش تي جاري ڪيو ويو

خديجہ شاھ 9 مئي تي پرتشدد ڪارروائين ۾ شامل هئي : نوٽيفڪيشن

لاهور (م د) 9 مئي سانحي بابت ڪيس ۾ نامزد مشهور فيشن ڊيزائينر خديجہ شاھ کي 30 ڏينهن لاءِ نظربند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو. ڊپٽي ڪمشنر لاهور خديجہ شاھ جي نظربندي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

چاهيون ٿا تہ پي ٽي آءِ چيئرمين چونڊن ۾ حصو وٺي: ناصر شاھ

9 مئي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب فيصلو ٿيڻ گهرجي

استحڪام پاڪستان پارٽي پي ٽي آءِ جا ووٽ ورهائي سگهي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ ناصر شاھ اڊيالا جيل ۾ قيد اڳوڻي وزيراعظم ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين کي پنهنجين ڪوتاهين تي ڌيان ڏيڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

فلپائن ۾ زوردار زلزلو، شدت 6.7 رڪارڊ

زلزلي جا لوڏا فلپائن جي ڏاکڻي صوبن سارنگاني ۽ ڪوٽاباٽو ۾ محسوس ڪيا ويا

زلزلي جي شدت ايتري هئي جو ماڻهو خوف ۾ پنهنجي گهرن ۽ عمارتن مان ٻاهر نڪري آيا

منيلا (م د) فلپائن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا، جنهن جي شدت 6.7 رڪارڊ ڪئي وئي. خانگي ٽي وي موجب زلزلي جا لوڏا فلپائن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

گٽڪو بہ ڪاٺ ڪان ويو: 2 هزار ڪلو ڪيميڪل وارو گٽڪو هٿ

فوڊ سيفٽي ٽيمن پشاور جي گوٹ ميلوگن ۾ مختلف گٽڪي جي اڏن تي ڇاپا هنيا

2 هزار ڪلو گرام کان وڌيڪ غير معياري ۽ ڪيميڪل مليل گٽڪو هٿ ڪيو ويو

پشاور (م د) خيبرپختونخواھ فوڊ سيفٽي اينڊ حلال فوڊ اٿارٽي پشاور جي گوٹ ميلوگن ۾ ڪارروائي ڪندي گٽڪي جي هارين کان 2 هزار ڪلو ڪان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پنجاب حڪومت صوبي ۾ ڪنگهہ جي 5 شربتن تي پابندي لڳائي ڇڏي

لاهور ۾ تيار ڪيل ڪف سيرپس پرڏيهہ ۾ بہ سپلاءِ ڪيا ويندا هئا : ڊاڪٽر جمال ناصر

ڊبليو ايڇ او مالديپ جي شربتن ۾ شراب جي شڪايت تي تحقيق ڪئي

لاهور (م د) پنجاب حڪومت صوبي ۾ ڪنگهہ جي 5 شربتن تي پابندي لڳائي ڇڏي. آهي نگران وزير پرائمري اينڊ سيڪنڊري هيلٿ ڪيئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پروفيسر نجيبہ عارف جي وفد سان ملاقات، مختلف رٿائن تي غور

گجراتي ٻوليءَ جو معروف اديب ڪتري عصمت علي پٽيل شريڪ ٿيا

24 جي لڳ ڀڳ نديءَ سطح جون نشستون ڪرائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) قومي ورثي ڊويزن، حڪومتِ پاڪستان تحت پاڪستاني ٻولين جي ادب جي واڌاري لاءِ ڪم ڪندڙ ملڪ جي سيني کان وڏي اداري، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: پروفيسر نجيبہ عارف گجراتي زبان جي ناميارن اديبن جي وفد سان هڪ غير رسمي ملاقات دوران ويٺل آهي

ڊفينس ۾ ڪار جو پول سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

حادثي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو، ڪار مڪمل طور تي تباھ ٿي وئي

حادثي ۾ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو، جنهن جي سڃاڻپ مير حمن زهري طور ٿي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ڊفينس فيز 8 ۾ تيز رفتار ڪار پول سان ٽڪرائجي وئي. حادثي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو، ڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ننڍي عمر وارن ڊرائيورن خلاف ڪريڪ ڊائون جو حڪم

آءِ جي پوليس، سي سي پي او لاهور ۽ تمام آر پي اوز کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

ننڍي عمر وارن ڊرائيور نہ رڳو پنهنجي لاءِ پر ٻين لاءِ بہ خطرو آهن : محسن نقوي

لاهور (م د) پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي صوبي ۾ ننڍي عمر وارن ڊرائيورن خلاف ڪريڪ ڊائون جو حڪم ڏئي ڇڏيو. نگران وڏي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

عدالتي نظام کي جديد بڻائڻ جو فيصلو، چيف جسٽس ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي

ڪميٽي ۾ جسٽس محمد علي مظهر ڪانسواءِ هاءِ ڪورٽس ۽ وفاقي شريعت ڪورٽ جا ججز شامل

نيشنل جڊيشل آٽوميشن ڪميٽي آرٽيفشل انٽيليجنس سميت عدالتي نظام ۾ جدت تي قومي پلان مرتب ڪندي : پڌرنامو

آٽوميشن ڪميٽي عدالتي نظام ۾ ڊجيٽل جدت آڻيندي ۽ انصاف جي بهتري سان گڏ ڪيسن جي طريقيڪار لاءِ موبائيل ايپ ٺاهيندي

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ پاڪستان جي عدالتي نظام ۾ جدت آڻڻ لاءِ ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: صدر عارف علوي ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

دفاع واري وزارت بہ فوجي عدالتن ۾ سولينز جو ٽرائل روڪڻ واري سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي چئلينج ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) دفاع واري وزارت بہ فوجي عدالتن ۾ سولينز جو ٽرائل روڪڻ واري سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ڪيس، نيب جي جيل ۾ عمران خان کان ٻيهر پڇاڳاڇا

نيب جي ٽي رڪني ٽيم پي ٽي آءِ چيئرمين کان اڍائي ڪلاڪن تائين پڇاڳاڇا ڪئي : ذريعا

نيب ٽيم عدالتي حڪمن تي 15 نومبر تي جيل ۾ جاچ شروع ڪئي هئي

اسلام آباد (م د) نيب 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ڪيس ۾ اڊيالا جيل ۾ قيد پاڪستان پي ٽي آءِ سربراھ عمران خان کان پڇاڳاڇا ڪئي آهي. جيل ذريعن موجب، نيب جي ٽي رڪني ٽيم پي ٽي آءِ چيئرمين کان اڍائي ڪلاڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ جي سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ پاران ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان شعوري واڪ جو فيصلو

سيڪريٽري ساجد جمال ابڙو جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ 19 نومبر آچر تي منعقد ٿيندڙ آگاهي واڪ جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏني وئي

آگاهي واڪ جي اڳواڻي نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ۽ نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز ڪندا

ڪراچي (رپورٽر) سماجي ڀلائي واري کاتي سنڌ پاران ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي آگاهي واڪ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جنهن جي اڳواڻي نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ۽ صحت، سماجي ڀلائي، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ملڪ ۾ مهانگائي تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي

هڪ هفتي دوران پنجويهہ شيون مهانگيون ۽ ٽيرنهن سستيون ٿيون : شماريات کاتو

جيئري ڪڪڙ 3.99 سيڪڙو ٽماٽا 3.09 سيڪڙو مهانگي ٿي، جڏهن تہ لوڻ، ائو ايل پي جي ۽ پٽاٽن جي اگهن ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

اسلام آباد (م د) شماريات کاتي هفتيوار مهانگائي جا انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا. شماريات کاتي موجب، هفتيوار بنيادن تي مهانگائي جي شرح ۾ 9 ڏهائي 95 سيڪڙو جو رڪارڊ واڌ ٿي جنهن کانپوءِ ملڪ ۾ مهانگائي جي مجموعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

علي گوهر ۽ راجا جي فريال سان ملاقات، سياسي صورتحال تي ڳالهيون

ملاقات زرداري هائوس ڪراچي ۾ ٿي، ملاقات دوران گهوٽڪي ضلعي جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

عوام جي حمايت سان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏو وزير وزيراعظم بڻجندو : فريال ٽالپر

8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن ۾ اميدوارن جي ڪاميابي جي واحد ضمانت ۽ عوام جي اعتماد جي نشاني تير جي نشاني هوندي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ومين ڊپارٽمينٽ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان ملاقات ڪئي، ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ فريال ٽالپر سان اڳوڻي ايم پي اي سردار علي گوهر مهر ۽ اڳوڻي صوبائي وزير علي نواز مهر جي ملاقات ڪئي، ملاقات زرداري هائوس ڪراچي ۾ ٿي، ملاقات دوران گهوٽڪي ضلعي جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، ملاقات ۾ فريال ٽالپر ڳالهائيندي چيو تہ 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن ۾ اميدوارن جي ڪاميابي جي واحد ضمانت ۽ عوام جي اعتماد جي نشاني تير جي نشاني هوندي، عوام جي حمايت سان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏو وزير وزيراعظم بڻجندو

ڪراچي: فريال ٽالپر سان اڳوڻو ايم پي اي سردار علي گوهر مهر ۽ علي نواز مهر ملاقات دوران ويٺل آهن

سُپريم ڪورٽ سنڌ ۽ خيبرپختونخوا ۾ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ٻيهر ڪرائڻ خلاف درخواستون خارج ڪري ڇڏيون

جسٽس يحيٰ آفريدي جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

سپريم ڪورٽ سنڌ ۽ ڪي پي ۾ ايم ڊي ڪيٽ جي ٽيسٽ ٻيهر ڪرائڻ جو هاءِ ڪورٽ وارو فيصلو برقرار رکيو

پشاور هاءِ ڪورٽ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ڪاپي جي بنياد تي ٻيهر ڪرائڻ کي صوبائي حڪومت جو اختيار قرار ڏنو هو

اسلام آباد (م د) سُپريم ڪورٽ سنڌ ۽ خيبرپختونخوا ۾ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ٻيهر ڪرائڻ خلاف درخواستون خارج ڪري ڇڏيون. جسٽس يحيٰ آفريدي جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

مرڪ جي وارثن سيف جتوئي کي ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو

ڪراچي ۾ جشن لطيف پروگرام ۾ بہ سيف جتوئي مرڪ تي تشدد ڪيو هو : ننڍي ڀيڻ مهڪ جان پيرزادو

سيف جتوئي ۽ مرڪ جي زال مڙس واري رشتي جي افواهن کي مڪمل طور رد ڪيان ٿي

مانجهند (رپورٽر) حيدرآباد ۾ گذريل 2 ڏينهن مبينا خودڪشي سبب فوت ٿيل جسقم ناري تحريڪ جي اڳوڻي چيف آرگنائيزر مرڪ جان پيرزادو جي ننڍي ڀيڻ امڙ ۽ ڀڃي مرڪ جي موت جو ذميوار سيف جتوئي نالي شخص کي قرار ڏئي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سڄي سنڌ ۾ اڄ کان سي اين جي اسٽيشنز بند رهنديون

سي اين جي اسٽيشنز ڇنڇر 18 نومبر صبح جو 8 وڳي کان سومر 20 نومبر صبح جو 8 وڳي تائين 48 ڪلاڪن لاءِ بند هونديون

گهريلو واهپيدارن لاءِ گيس جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ اهو قدم کنيو پيو وڃي : سوئي سدرن گئس ڪمپني

سموري جنرل انڊسٽريز ۽ انهن جا بجلي پيدا ڪندڙ يونٽس بہ ڇنڇر، 18 نومبر صبح جو 8 وڳي کان ايندڙ 48 ڪلاڪن تائين بند رهندا

ڪراچي (رپورٽر) سئي سدرن گيس ڪمپني سڄي سنڌ ۾ سمورين سي اين جي اسٽيشنز ڇنڇر 18 نومبر صبح جو 8 وڳي کان سومر 20 نومبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: خاتون اول بيگم ثميڻ علوي ڇاتي جي ڪينسر بابت ٿيندڙ سيشن کي خطاب ڪندي

وهاب رياض قومي مينز ڪرڪيٽ ٽيم جي سليڪشن ڪميٽي جو چيف سليڪٽر مقرر

لاهور (م د) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ اڳوڻي فاسٽ بالر وهاب رياض کي قومي مينز ڪرڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسڪول، اسپتالن سميت مارڪيٽن جا دورا ڪري رپورٽ ڏني وڃي : ڊي سي ٿرپارڪر

روزانو جي بنياد تي اسڪول، اسپتالن سميت مارڪيٽن جا دورا ڪيا وڃن : عبدالحليم جاگيراڻي

اسڪولن ۾ ٻارن جي تعليم، استادن ۽ شاگردن جي موجودگي سميت ٻين سهولتن بابت آگاهه ڪيو وڃي

مارڪيٽن جو پڻ دورو ڪري روزمره جي استعمال ٿيندڙ کاڌي پيتي جي شين جا اگهه معلوم ڪيا وڃن

مٺي (د ر) ٿرپارڪر جا اسڪول، اسپتالن سميت مارڪيٽن جا دورا ڪري رپورٽ ڏني وڃي، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڏيندي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي ٿرپارڪر ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

مٺي: ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سکر جي صحافي عبدالغفور شيخ
جو ڀائٽيو غلام حسين شيخ ڏکھو
عرصو بيماري سبب لاڏاڻو ڪري ويو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي سينيئر صحافي ۽ خانگي ٽي وي جي رپورٽر عبدالغفور شيخ جو ڀائٽيو غلام حسين شيخ ڏکھو عرصو بيماري سبب ڪراچي جي خانگي اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو هو گردي جي تڪليف سبب ڪراچي جي اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو مرحوم جي جنازي نماز ڳوٺ گول علي واھڻ ڏلو ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

جهڏو آرمس اسٽرانگ جم جي ٻن ڇوڪرن پوزيشن حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي ورتي

آرمس اسٽرانگ جم شهر جي نوجوانن لاءِ صحت مند سرگرمين طرف لاڙو وڌائي ڇڏيو

جديد مشينن تي جم اندر نوجوانن کي پنهنجي جسم کي فٽ رکڻ بابت تربيت ڏني وڃي ٿي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو آرمس اسٽرانگ جم جي ٻن ڇوڪرن ڊسٽرڪٽ ليول تي ٿيل باڊي فٽنيس مقابلي ۾ پوزيشن حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي ورتي، جهڏو جي غلام حسين ڪالوني ۾ گذريل ست سالن کان قائم آرمس اسٽرانگ جم شهر جي نوجوانن لاءِ صحت مند سرگرمين طرف لاڙو وڌائي ڇڏيو آهي نوجوان پنهنجي جسم جي فٽنيس لاءِ روزانو جي بنياد تي جم اچي ايڪسائيز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

خانپور ۾ فلسطينين جي حمايت ۽ اسرائيل جي ظلمن خلاف ريلي

باپ بيٽا دونو ذليل آمريڪا اور اسرائيل فلسطين زنده آباد، آمريڪا اسرائيل مردآباد جي نعريبازي

اسرائيل مظلوم فلسطيني مسلمانن جي مٿان ظلم جا پهاڙ ڪيري رهيو آهي : مظاهرين جون دانهون

ٻارڙن جا لاشن جا ٽڪرا ڪيا وڃن ٿا پر مسلمان ملڪن سعودي عرب سميت مسلمان خاموش آهن

خانپور (عتيق ابڙو) خانپور ۾ مجلس وحدت المسلمين پاران فلسطينين جي حمايت ۾ ۽ اسرائيل جي ظلمن خلاف مسجد حسيني کان خانپور پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، باپ بيٽا دونو ذليل آمريڪا اور اسرائيل فلسطين زنده آباد، آمريڪا اسرائيل مردآباد جي نعريبازي، اسرائيل هزارين بيگناهه فلسطيني شهيد ڪيا آهن انساني حقوق جا عالمي ادارا خاموش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

خانپور: فلسطينين جي حمايت ۽ اسرائيل خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ ڪاهي ممڻ جي
معزز ۽ سماجي شخصيت وڏيرو غلام عباس
ميمڻ دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڳوٺ ڪاهي ممڻ جي معزز ۽ سماجي شخصيت وڏيرو غلام عباس ميمڻ دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي جي نماز ڪاهي ممڻ ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته سنڌس نندي ڀاءُ انجنيئر غلام شبير مومنائي، سنڌس اڪيلي فرزند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوابشاهه ۾ شيعه علماءِ ڪائونسل مظلوم فلسطينين جي حمايت ۾ ريلي

صوبائي مشير مولانا ڪفايت حسين ڪريمي، ڊويزن جي صدر زوار محمد حسين چانڊيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

غاصب ظالم اسرائيل مظلوم فلسطينين جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي : مظاهرين جون دانهون

اقوام متحده سميت انساني حقن جون تنظيمون خاموش تماشائي بڻيل آهن، نوٽيس ورتو وڃي

نواب شاهه (رپورٽر) شيعه علماء ڪائونسل پاڪستان ضلعي شهيد بينظيرآباد نواب شاهه پاران مظلوم فلسطينين جي حمايت ۾ ۽ غاصب اسرائيل جي ظلمن خلاف اسرائيل مرده باد ريلي مرڪزي امام بارگاهه کان پريس ڪلب تائين ڪڍي وئي، جتي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي شيعه علماء ڪائونسل پاڪستان سنڌ جي صوبائي مشير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر ۾ انتظاميه، پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب گندگي جا ڍير لڳل

شهر جي مختلف علائقن ۾ وڏي پئماني تي ناهيل روڊ، ڊرينيج نالي تي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا

وڏي پئماني تي ناهيل روڊن کي ڊاهڻ ڪانپوءِ ترقياتي ڪمن ۽ سرڪاري خزاني کي تباهه ڪرڻ جو سلسلو جاري

رهواسين سميت مسافر گاڏين کي آمد و رفت ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي : اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر ۾ انتظاميه، پبلڪ هيلٿ کاتي ۽ چونڊيل عوامي نمائندن جي لاپرواهي سبب شهر جي مختلف علائقن ۾ وڏي پئماني تي ناهيل روڊ، ڊرينيج نالي تي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن. شهر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر: شهر ۾ ڪمن جي آڙ ۾ روڊ جي کوٽائي ڪئي پئي وڃي

ور شهر پرسان ڳوٺ يوسف
ڪنيار ۾ ٻارڙو نصيرواهه
شاخ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو

گهوڙاٻاري (رپورٽر) ور شهر پرسان ڳوٺ يوسف ڪنيار ۾ ٻارڙو نصيرواهه شاخ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو آهي. پنج سالا معصوم ٽينگر شاهزيب ولد شاجهان ڪنيار گهر پرسان راند ڪيڏندي پير ترڪڻ سبب شاخ ۾ ٻڏي ويو وارث ڪافي دير گولا بعد ٽينگر کي نصير واهه شاخ مان هٿ ڪري رورل هيلٿ سينٽر ور پهتا، جتي ڊاڪٽرن ٽينگر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڊپٽي ڪمشنر بدين پاران پرائمري اسڪول جو دورو

اسڪول ۾ شاگردن جي انرولمينٽ وڌيڪ آهي پر اسڪول جا ڪمرا گهٽ آهن : ڊاڪٽر سومار ڪوسو

مدد پاڻ تحت ڪڪاوان ڪلاس رومز ٺاهيا آهن ته جيئن ڳوٺ جا ٻارڙا تعليم پرائي سگهن

ٽرديپ پاران هن اسڪول لاءِ سولر سسٽم منظور ڪيو ويو آهي جيڪو تمام جلد لڳايو ويندو : اوم پرڪاش

گولاڙچي/ بدين/ تلهار (نمائندن وٽان) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو تعلقي تلهار ۾ سعيد پور ويجهو ڳوٺ ڊاڪٽر سومار ڪوسو جي پرائمري اسڪول جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊاڪٽر سومار ڪوسو بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته اسڪول ۾ شاگردن جي انرولمينٽ وڌيڪ آهي پر اسڪول جا ڪمرا گهٽ آهن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪڪاوان ڪلاس رومز ٺاهيا آهن ته جيئن ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سلطانپور ۾ مبينا گولين هڻي مرڻينگ ڪيل نوجوان جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مظاهرو

ڳوٺ دين محمد پتافي ۾ پتافي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي ڪارنهن تڪرار تان مبينا فائرنگ ۾ زخمي ٿيل نوجوان جي وارثن احتجاج ڪيو

فائرنگ ۾ گولين لڳڻ سبب اسان جو نوجوان برڪت پتافي زخمي ٿي پيو هو جيڪو هينئر مرڻينگ حالت ۾ سکر اسپتال داخل آهي : وارث

واقعي جو ڪيس مبارڪپور ٿاڻي تي اسلم پتافي حميد پتافي عثمان پتافي ۽ زبير پتافي سميت 6 جوابدارن مٿان داخل ڪرايو هو

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) مبينا گولين هڻي مرڻينگ ڪيل نوجوان جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف متاثر ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، مبارڪپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ دين محمد پتافي ۾ پتافي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي ڪارنهن تڪرار تان مبينا فائرنگ ۾ زخمي ٿيل نوجوان جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان مٿي نور احمد پتافي، اخلاق احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سلطانپور: نوجوان کي مرڻينگ ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين جا ڪافي روڊ اسپيڊ
بريڪر نه هئڻ سبب موت
جي وادي ۾ ٻڌجي ويا

بدين (د ر) ڪافي روڊ موت جي وادي ۾ بدلجي ويا جنهن ۾ پهرئين نمبر تي ٽرڪول باءِ پاس روڊ جتي هر ٻي ڏينهن ايڪسيڊنٽ ٿيندو آهي جنهن ۾ زياده تر ماڻهون سخت زخمي ٿي هڏيون ٽوڙائي گهر ويٺا ٿي چڪا آهن ۽ وڏي انگ ۾ موت جي گهاٽ چڙهي چڪا آهن اسپيڊ بريڪر نه هئڻ سبب هر تندي وڏي گاڏي تيز رفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو : ڊي آءِ جي پرزن اينڊ ڪرڪشن سروس حيدرآباد پاران جيل جو دورو

سنڌ حڪومت جيلن اندر قيدين کي تعليم ڏيارڻ بابت تعليم بالغان ۽ هنري سکيا ڏيڻ تي ڀرپور توجهه ڏئي رهي آهي : ڊي آءِ جي

قيدي سزا ڪاٽڻ بعد ڏوهن کي ڇڏي معاشري جو سٺو شهري ثابت ٿئي ۽ قيدين کي ريگيولر بنياد تحت تعليم ڏني ويندي

دوري دوران ڊي آءِ جي جيل حيدرآباد دادو جيل پهچڻ تي ڪيس دادو پوليس پاران سلامي ڏني وئي

دادو (رپورٽر) سنڌ حڪومت جيلن اندر قيدين کي تعليم ڏيارڻ بابت تعليم بالغان ۽ هنري سکيا ڏيڻ تي ڀرپور توجهه ڏئي رهي آهي ته جيئن قيدي سزا ڪاٽڻ بعد ڏوهن کي ڇڏي معاشري جو سٺو شهري ثابت ٿئي ۽ جنهن تحت قيدين کي ريگيولر بنياد تحت تعليم ڏني ويندي ۽ ڪين سندن ڊگرين جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويندا اهڙو اظهار ڊي آءِ جي پرزن اينڊ ڪرڪشن سروس حيدرآباد محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

رائيس آف خيرپور ۽ سول سوسائٽي پاران جي هتراڌو لوڊشيڊنگ خلاف مظاهرو

سوئي گئس عملدارن هتراڌو لوڊشيڊنگ ڪري شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

جيسيتائين هتراڌو گئس جي لوڊشيڊنگ ختم نه ڪئي ويندي تيسيتائين احتجاجي سلسلا جاري رکيا ويندا

خيرپور (د ر) وائيس آف خيرپور ۽ سول سوسائٽي پاران گئس جي هتراڌو لوڊشيڊنگ خلاف چٽي چوڪ کان سئي گئس آفيس تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي فياض خميساڻي ايڊوڪيٽ علي احمد ميمڻ ميان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي : پروفيسر ڊاڪٽر نجيب عارف جي اديبن جي وفد سان غير رسمي ملاقات

ڪراچي دفتر جي سرگرمين کي بهتر نئين سر شروع ڪرڻ جي حوالي سان تجويزون

24 جي لڳ ڀڳ نندي ۽ سطح جون نشستون ڪوٺائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

ڪراچي (ڪلچرل رپورٽر) قومي ورثي ڊويزن، حڪومتِ پاڪستان تحت پاڪستاني پولين جي ادب جي واڌاري لاءِ ڪم ڪندڙ ملڪ جي سيني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي : ملاقات دوران اڳ واڻن جو ورتل گروپ فوٽو

نوشهروفيروز پرسان ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، 3 زخمي

55 سالا اياز علي مشوري، محسن مشوري، نثار علي مشوري سخت زخمي ٿي پيا

اياز علي مشوري جي نازڪ حالت ڏسندي وئي، زخمين کي نواب شاهه ريفر ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) مٺاڻي روڊ پوليس لائن پرسان ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر لڳڻ سبب مٺاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر ۾ سينيئر نائب صدر اشفاق ڪوسو سان عيادت

ڪئميرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي وفد عيادت ڪئي

اشفاق ڪوسو جو ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي سرڪاري اسپتال ۾ آپريشن ٿيو هو

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ڪئميرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽس ايسوسيئيشن سکر پريس ڪلب جي صدر سيد قذافي شاهه جي اڳواڻي ۾ ڪئمرا مين اينڊ فوٽو جرنلسٽس جي وفد ايسوسيئيشن جي سينيئر نائب صدر اشفاق ڪوسو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خانپور پرسان ڳوٺ قادر بخش بنگلاڻي جي رهواسي پاران احتجاج

منهنجي گهر ٻاهران بيٺا هئا ۽ منهنجي چوري ٿيل آهي جنهن تي مونسان رڙهي پيا : فيض محمد

منهنجي چوري ۾ ملوث پهوڙ برادري جا چور گرفتار ڪيا وڃن ۽ مونسان انصاف ڪيو وڃي

خانپور (عتيق ابڙو) خانپور پرسان فيضو ٿاڻي جي حد ڳوٺ قادر بخش بنگلاڻي جي رهواسي پاران پريس ڪلب پهچي چوري واپس ڪرائڻ ۽ پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

پور پريس ڪلب

خانپور : ڳوٺاڻو ٻاهرن خلاف دانهي رهيو آهي

سکر : خزاني آفيس ۾ ڪرپشن عروج تي پهتل، اختيارين خاموش

آڊيٽرن جو ڪم نائب قاصد، پٽيوالا، چوڪيدار، سوئيپر، ڊرائيور هلائڻ لڳا

فرنٽ مينن جي خلاف جاچ ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي : سجاڻ ڏريون

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر : خزاني آفيس ۾ ڪرپشن عروج تي تيزري ڪرپشن جو گڙ ٻڌجي وئي ڪجهه نا اهل آڊيٽرن کي نالي ماتحت ڪاتا ڏئي انهن آڊيٽرن جو ڪم نائب قاصد، پٽيوالا، چوڪيدار، سوئيپر، ڊرائيور هلائڻ لڳا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گلاب لغاري پرسان مرچن سان ڀريل سوزڪي ڪلٽي، 3 ڄڻا زخمي

سوزڪي ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪرڻ بعد واٽرڪورس ۾ ڪرڻ سبب ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا

زخمين ۾ ڊرائيور ڪاشف لغاري نظير احمد ۽ عاشق لغاري شامل، اسپتال ۾ علاج هلندڙ

گلاب لغاري (رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري پرسان ڳوٺ شادمان لغاري وٽ مرچن سان ڀريل سوزڪي پڪ اپ نمبر ڪي ايڪس 1107 ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪرڻ بعد واٽرڪورس ۾ ڪرڻ سبب ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ ڊرائيور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

گلاب لغاري : حادثي جو شڪار سوزڪي ڪلٽي ٿيل نظر اچي رهي آهي

وڌندڙ مهانگائي عوام جي چيله چٻي ڪري وڌي آهي : رسول بخش جاڪرو

غريب عوام بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻجي رهي آهي، پر نگران حڪومت مهنگائي تي ڪنٽرول ڪري ناهي سگهي

ڪوشش آهي هتان جي عوام کي پيئڻ جي صاف پاڻي، صحت، تعليم، روزگار سميت سمورين بنيادي سهولتون ملڻ گهرجن

ٺٽو (رپورٽر) ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي ميمبر جاڪرا برادري جي معزز، سياسي، سماجي اڳواڻ وڏيرو رسول بخش جاڪرو چيو آهي هن وقت ملڪ ۾ وڌندڙ مهنگائي عوام جي چيله چٻي ڪري وڌي آهي، جنهن سبب غريب عوام بک ۽ بدحالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪنڊيارو تعلقي اندر نقلي پاڻ جو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو

شهر جي هڪ واپاري عرفان قريشي جو هن ڪڍي ڪاروبار ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف

اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊيارو جي ڪارروائي، گودام سيل ڪري ڇڏيا، ٽرٽلو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو تعلقي اندر نقلي پاڻ جو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو، شهر جي هڪ واپاري عرفان قريشي جو هن ڪڍي ڪاروبار ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊيارو جي ڪارروائي، گودام سيل خبر موجب ڪنڊيارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪينجهر ڍنڍ ڪناري ڳوٺ سونهري پير ۾ چلهه مان چڻنگ اڏامڻ سبب باهه

ملاح برادري جا 14 گهر سڙي وڃڻ سميت گهرن ۾ رکيل کاڌي پيتي جو سامان سڙي ويو

باهه سبب سڙي ويل گهرن ۾ لياقت ملاح، نوراحمد ملاح، بشير ملاح، اشرف ملاح ۽ ٻيا شامل

ٺٽو (د ر) ڪينجهر ڍنڍ ڪناري ڳوٺ سونهري پير ۾ قائم ٿيل ڳوٺ الهجايو منڇري ملاح ڪيري ۾ ملاحن جي ڪکاون گهر کي اوچتو چلهه مان چڻنگ اڏامڻ ڪري باهه وڪوڙي ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ ملاح برادري جا 14 گهر سڙي وڃڻ سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٺٽو : باهه لڳڻ بعد واقعي واري هنڌ جو ڏيک

نوشهروفيروز پرسان بجلي جي تارن ۾ وچڙي فوت ٿيڻ جي ايف آءِ آر درج نه ڪرڻ خلاف مظاهرو

گلاب راڄپر مال چارڻندي 11 هزار وولٽيج جي ڪريل تارن ۾ وچڙي ڪرنٽ لڳڻ سبب ٿڌي تي ئي فوت ٿي ويو هو : مظاهرين

بار بار سيپڪو اختيارين کي آگاهه ڪيو ويو پر انهن ڪن لاٿار ڪئي ۽ لاش ڳوٺ ڪٺائي وڃڻ لاءِ ايمبولينس به نه ملي هئي

هينئر پوليس ڪيس به داخل نٿي ڪري جيڪڏهن ڪيس داخل نه ٿيو ته عدليه جو در ڪڙڪايو ويندو، انصاف ڏياريو وڃي

نوشهرو فيروز (د ر) ڳوٺ جمن راڄپر ۾ ڳوٺاڻي گلاب راڄپر جي بجلي جي تارن ۾ وچڙي فوت ٿيڻ جي ايف آءِ آر درج نه ڪرڻ تي ڳوٺاڻن عبدالرحيم راڄپر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ اعليٰ اختيارين ڏانهن ٽيليگرام موڪليا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز : ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

جنگشاهي جي صحافي صالح
محمد ميراڻي جو پوٽو اسپتال
۾ علاج هيٺ، دعا جي اپيل

ٺٽو (د ر) جنگشاهي جي صحافي صالح محمد ميراڻي جو پوٽو ظهير ميراڻي جو پٽ مدثر ميراڻي جنگشاهي واري گهر جي ڇت تان اوچتو ڪري سخت زخمي ٿي پيو هو، جنهن کي دماغ ۾ سخت زخم رسيا آهن. جيڪو هن وقت ڪراچي جي اسپتال ۾ زير علاج آهي. پر سندس طبيعت ۾ خاطرخواهه سڌارو اچي ناهي سگهيو، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽو : بيدردي سان قتل ٿيل رياض ملاح جو هڪ مک قاتل گرفتار نه ٿي سگهيو

پوليس ٻن جوابدار امير ڪنيار ۽ سهيل جاکرو کي اڳ ئي پوليس گرفتار ڪري ورتو

سمورن جوابدارن کي سزائون ڏياري پٽ جي خون سان انصاف ڪرايو وڃي : وارث

ٺٽو (د ر) ڪجهه ڏينهن اڳ ٺٽي شهر جي مڇي مارڪيٽ سامهون درگاهه حضرت سخي شاهه گرهر گنج وٽ بيدردي سان قتل ٿيل رياض ملاح جو هڪ مک قاتل جوابدار غلام حسين ڪنيار کي اڃان تائين ٺٽو پوليس گرفتار ڪري ناهي سگهي، جنهن ڪري مقتول نوجوان جا وارث سخت پريشان آهن. جڏهن ته ٻن جوابدار امير ڪنيار ۽ سهيل جاکرو کي اڳ ئي پوليس گرفتار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوابشاهه ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ قائم ڊويزنل ٽاسڪ فورس جو هڪ اجلاس منعقد

پوليو خلاف اثرائتي مهم سان ئي پوليو جو خاتمو ممڪن آهي، صحت کاتي جا عملدار ۽ پوليو ٽيمون قومي فرض سمجهي پنهنجي ڊيوٽي ادا ڪن : ڪمشنر

پوليو وائرس جي موجودگي ٻارن جي صحت لاءِ خطري کان گهٽ نه آهي انهي لاءِ صحت کاتي سان گڏ ٻيا لاڳاپيل ادارا ۽ سماجي تنظيمون پوليو جي خاتمي لاءِ ڀرپور ڪوششون وٺن

صحت کاتي جا عملدار پوليو مهم دوران لاڳاپيل کاتن سان بهتر رابطي قائم ڪرڻ سان گڏ پوليو ٽيمن جي سٺي تربيت ۽ بهتر مائڪرو پلان تيار ڪن

نوابشاهه (رپورٽر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن سيد محمد سجاد حيدر جي صدارت هيٺ پوليو جي خاتمي لاءِ قائم ڊويزنل ٽاسڪ فورس جو هڪ اجلاس اڄ ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ٿي گذريو ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪمشنر سيد محمد سجاد حيدر چيو ته پوليو خلاف اثرائتي مهم سان ئي پوليو جو خاتمو ممڪن آهي انهي لاءِ صحت کاتي جا عملدار ۽ پوليو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوابشاهه : ڊويزنل ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

نوشهروفيروز ۾ آل پاڪستان
لوڪل گورنمينٽ ورڪرز
فيڊريشن پاران احتجاج جاري

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن سنڌ ضلع نوشهروفيروز ۽ مزدور يونين ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز پاران قائم احتجاجي ڪيمپ تي وائس چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز اڪبر ڪاشف مصطفيٰ ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جا ملازمن جي بک هڙتال ڪئمپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بلڙي شاهه ڪريم پرسان روڊ جو رهيل ڪم ڏيڍ سال کان نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ايس يو پي جي مرڪزي سينٽرل ڪاميٽي جي ميمبر سيد بشيراحمد شاهه جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن احتجاج ڪيو

ستر موري روڊ جو ٺيڪيدار ڏيڍ سال کان غائب آهي، اڃان تائين ٺيڪيدار روڊ جو ڪارپيٽ ناهي ڪرايو : مظاهرين

جلد کان جلد نڪر جي فارم کان آبادگار شگرمل تو ستر موري روڊ جو رهيل ڪارپيٽ وارو ڪم مڪمل ڪرايو وڃي

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم پرسان سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي نڪر جي فارم کان آبادگار شگرمل واپا ستر موري تائين چوڏهن ڪلوميٽر نهيل روڊ جو رهيل ڪم ڏيڍ سال کان نه ٿي سگهيو ڪارپيٽ نه ٿيڻ خلاف راهو هالپوٽو ۾ ايس يو پي جي مرڪزي سينٽرل ڪميٽي جي ميمبر سيد بشيراحمد شاهه جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن جو احتجاجي مظاهرو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڏوڪري : انقلاب ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي سالگرهه بابت ڪانفرنس

سنڌ جي 40 لک زمين کي وڪرو ڪيو ويو آهي، پيپلزپارٽي وارن سنڌ کي برباد ڪري ڇڏيو آهي : اڳواڻ

مراد علي شاهه چئي رهيو آهي ته اسان موڪل تي ويا آهيون اسان انهن خلاف جدوجهد ڪندا رهنداسين

مراد علي شاهه چئي رهيو آهي ته اسان موڪل تي ويا آهيون اسان انهن خلاف جدوجهد ڪندا رهنداسين

ڏوڪري (رپورٽر) سنڌ هاري ڪاميٽي پاران سوشلسٽ انقلاب ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي سالگرهه جي حوالي سان مگريا شادي هال ڏوڪري ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، ڪانفرنس ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏوڪري : اجلاس کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

سکر ۾ سرڪاري سامان لوهه فرنيچر
کي آڪشن ڪرائڻ بدران وڪرو ڪرڻ
جو ڊي او تعليم اجازت ڏئي ڇڏي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) تعليم کاتي جا ڪامورا لکين رپين جو سرڪاري سامان لوهه فرنيچر کي آڪشن ڪرائڻ بدران وڪرو ڪرڻ جو ڊي او تعليم سکر پاران هيڊ ماستر کي ليٽر لکي اجازت ڏئي ڇڏي فرنيچر ۽ سرڪاري لوهه ٻڪڙن جي مٽ تي وڪرو ڪرڻ سبب سرڪاري خزاني کي نقصان ٿيندو سجاڻ ڏريون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز اندر ياڻ بليڪ تي وڪرو ٿيڻ ۾ محرابپور جي ڊيلر جي ناانصافين خلاف مظاهرو

آل پارٽيز الائنس ۽ پ پ شهيد ڀٽو پاران ظفر ڪوسو، خالد چنه، واجد عباسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ضلعي اندر آبادگارن سان ظلم ڪيو پيو وڃي، هڪ ته ياڻ بليڪ تي وڪرو ڪيو پيو وڃي : مظاهرين جون دانهون

معاملي جو نوٽيس وٺي ضلعي ۾ آبادگارن جي ظلم جو نوٽيس وٺي ياڻ جو بليڪ تي وڪرو بند ڪرائي ڏنو وڃي

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ضلعي نوشهروفيروز اندر ياڻ بليڪ تي وڪرو ٿيڻ ۾ محرابپور جي ڊيلر جي ناانصافين خلاف آل پارٽيز الائنس ۽ پ پ شهيد ڀٽو پاران ظفر ڪوسو خالد چنه، واجد عباسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي شهر جو گشت ڪرڻ بعد نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته ضلعي اندر آبادگارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بلاول ڀٽو زرداري پوري ملڪ ۾ عوامي رابطا تيز ڪري ڇڏيا آهن : قائم علي شاهه

پيپلزپارٽي جو منشور غريب هاري شاگردن جي ڀلائي ۽ سندن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل آهي

مان پنهنجي وڏ وزارت جي دور ۾ پوري سنڌ ۽ خاص ڪري پوئتي پيل علائقي ٿر ۾ صحت جو سهولتون ڏنيون

هڪ جهڙائي جي بنياد تي هر ضلعي جي عوام کي روڊ رستا ۽ بجلي جهڙيون سهولتون ڏئي ڪين خوشحالي طرف آندو

خيرپور (د ر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جيلاني پنهنجي ڪراچي واري جيلاني هائوس تي پيپلزپارٽي ضلع خيرپور اڳوڻي اطلاعات سيڪريٽري امام ڏنو ملاح سان ملاقات دوران علائقن جي مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ڪئي ان موقعي تي سيد قائم علي شاهه چيو ته پيپلزپارٽي جو منشور غريب هاري شاگردن جي ڀلائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خيرپور : اڳوڻو وڏو وزير قائم علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام ڪوٽ بلاڪ ون هنڊا ڪمپني جي
پروڊيڪشن منيجر عرفان پنجابي پاران
ڊرائيور سان ٿيل وحشاڻو تشدد وارو ويڊيو وائرل

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) اسلام ڪوٽ ٿر ڪول بلاڪ ون هنڊا ڪمپني جي پورهيت گيٽ پاس ۽ پڳهار گهرڻ تي پروڊيڪشن مينيجر عرفان پنجابي مچرجي پيو ٽالي رام سنگ ڀيل جو ٿيل وحشاڻو تشدد ويڊيو وائيرل ٿيڻ تي ڪمپني انتظاميان اک نه پٽي، چونڊيل نمائيندن جي خاموشي ڊائيور ٽالي رام سنگ ڀيل جو چوڻ هو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي جي ڏٺي بخش ڳوٺ ۾ پ پ اڳواڻ پانڌي بگٽي پاران ڪارنر گڏجاڻي

حاڪم جسڪاڻي، يوسي ٽي سچل ڳوٺ چيئرمين تاج محمد وساڻ، پ پ سماجي اڳواڻ سيد احمد شاهه ڪاظمي ۽ ٻين جي شرڪت

پاڪستان پيپلزپارٽي جڏهن به اقتدار حاصل ڪيو آهي ان کي عوام جي طاقت ذريعي حاصل ٿيو آهي : حاڪم جسڪاڻي ۽ ٻيا

پيپلزپارٽيءَ کي ماضي ۾ عوام کان ڀري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر پيپلز کي عوام کان ڀري نه ڪري سگهيا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڏٺي بخش ڳوٺ ۾ پ پ اڳواڻ پانڌي بگٽي پاران ڪارنر گڏجاڻي ۾ اين اي 242، جي اميدوار حاڪم جسڪاڻي، يوسي ٽي سچل ڳوٺ چيئرمين تاج محمد وساڻ، پ پ سماجي اڳواڻ سيد احمد شاهه ڪاظمي يوسي چار جي چيئرمين بشير احمد خاصخيلي، تدبير چانڊيو، پانڌي خان بگٽي سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي بگٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڇنڇر 18 نومبر 2023ع

هن سائيٽ ۾ هي عورت دشمن روين وارا راڪشس ڪٿان آيا؟

ڪير چوندو ته اسان هزارين سال قديم تهذيب جي وارث قوم جا فرد آهيون؟ مظلوم عورتن جي رت سان پنهنجي مُڇ "سائي" ڪري "مُڙس ماڻهو" سڏرائڻ واري هيءَ ترغيب نہ پٽ تان ملي، نہ ڏڏ مان، نہ ڏاڏا مان، نہ ئي ڏاڏيءَ مان ۽ نہ ئي جهوڪ مان ملي. پوءِ هن سائيٽ ۾ هي عورت دشمن روين وارا راڪشس ڪٿان آيا. جن پنائيءَ جي پونءِ ۽ سچل جي سائيٽ کي عورتن جي مقتل گاھ ۾ بدلائي ڇڏيو آهي! سنڌ ۾ ڪارنهن جي الزام ۾ عورتن کي قتل ڪرڻ وارو ڪڏو عمل پڄاڻيءَ تي پهچي نہ سگهيو آهي. شايد ئي ڪو ڏينهن هجي. جنهن ڏينهن اهڙي ڪا المناڪ خبر نہ ايندي هجي. اهڙي ئي دل کي ڏوڏيندڙ هڪ خبر ڪالهوڪي "پنهنجي اخبار" ۾ رپورٽ ٿي آهي. خبر موجب: ٻهرام لڳ ڳوٺ حسين بخش مگسي جي شادي شده عورت افسانه کي درگاھ حاڪم شاھ پٽواري جي مُک دروازي تي هٿياربندن ڪارنهن جي الزام ۾ قتل ڪري ڇڏيو آهي. پوليس پوسٽ مارٽم لاءِ لاش ميروخان اسپتال منتقل ڪيو. جتي ڊاڪٽر موجود نہ هجڻ جي ڪري لاش کي قمبر اسپتال نيو ويو. اتي عملي حدبندي جو تڪرار ڇاتائي پوسٽ مارٽم نہ ڪيو ۽ لاش ڪيترائي ڪلاڪ اسپتال ۾ پيل رهيو. مقتول ناريءَ جي ناني جو چوڻ آهي ته. هو ناريءَ کي درگاھ جي گاديءَ نشين جي حويليءَ ۾ سام طور ڇڏڻ لاءِ وٺي وڃي رهيو هو ته افسانه کي سندس سؤٽن درگاھ جي در وٽ قتل ڪري ڇڏيو.

سنڌ ۾ "غيرت" جي نالي ۾ عورتن جو قتل جاري آهي ۽ عورتن جي تحفظ لاءِ نہ انهن کي قانون جي اوٽ ۽ اجهو ميسر ٿي سگهيو آهي ۽ نہ ئي وري عورتن جي تحفظ جي حوالي سان قانونن تي عمل ڪيو پيو وڃي. سنڌ ۾ اڄ به عورت خوف ۽ ڌڪاءَ جي ماحول ۾ هر ساھ ڳڻي گذاري ٿي ته ڪٿي ڪا ڪهاڙي يا ڪا بندوق ان جي تعاقب ۾ نہ ڪا نهي! عورتن جي حقن جي تحفظ لاءِ ڪيترين ئي تنظيمون جاڳوڙڻ جون دعويدار آهن. انساني حقن جون پڻ ڪيترين ئي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. ڪيترين ئي غير سرڪاري تنظيمون ان ميدان ۾ ڪميتون ڪڏائي رهيون آهن. پر ان جي باوجود عورتن کي تحفظ ملي نہ سگهيو آهي. ايتري قدر جو حڪومت طرفان شيلٽر هائوس به وڏي تعداد ۾ قائم نہ ڪيا ويا آهن. گهٽ ۾ گهٽ هر ضلعي ۾ شيلٽر هائوس قائم ٿيڻ گهرجن پر حڪومت اها ذميواري پوري ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جيڪي چند دارالامان قائم ڪيل آهن، اهي به عقوبت خانن ۽ جيلن کان گهٽ ناهن. جڏهن ڪهاڙيون ۽ بندوقون ڪارنهن جي الزام هيٺ آيل ڀهراڙي جي عورتن جو تعاقب ڪن ٿيون ته اهي عورتون ڪيڏانهن وڃن؟ پوءِ انهن جي ڊوڙ درگاهن تائين آهي، جتي يا ته اهي افسانه وانگر درگاهن جي درن تي ڪاريون ڪري قتل ڪيون وڃن ٿيون يا وري ڪنهن درگاھ جي ڌڻيءَ جي حويلي تائين پهچي به وڃن ٿيون ته به اڪثر عورتون اتي سام جي نالي ۾ سڄي زندگي قيدياڻيون ٿي گذارين ٿيون. يا "سيڪس هوسٽيج" بڻجي ذلت ڀوڳين ٿيون. يا وري فاطمه ڦرڙو وانگر حويلين جي ٻگهڙن جي جنسي ٻک جو بک بڻجي ٿيون وڃن. مطلب ته عورتن کي ڪٿي به تحفظ حاصل ناهي. اسان جا حڪمران پاڻ کي دنيا ۾ روشن خيال ظاهر ڪرڻ لاءِ عورتن جي حقن ۽ تحفظ جي حوالي سان قانون سازي ته ڪرائين ٿا پر انهن قانون تي عمل نٿو ٿئي. ايتري قدر جو اڪثر ڪيسن ۾ ڪارنهن جي الزام هيٺ قتل ٿيندڙ عورتن جي ايف آءِ آر به رياست جي مدعيت ۾ نٿي ڪاٽي وڃي. اُن ئي گهر جو ڪٽنب جو ڪو فرد ايف آءِ آر ڪترائي ٿو ۽ پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن مرحلي تي خون لڙهي ٿو وڃي. سنڌ ۾ مروج جرڳائي سرشتي جي ڪري به عورتن کي انصاف پلئہ نٿو پوي. اهڙن معاملن جا جرڳا ٿين ٿا، جتي عورتن جي زندگين جي قيمت ۽ عصمت جو اگهه لڳايو وڃي ٿو. قاتل قانون جي حوالي نٿا ٿين ۽ سڪا رائج الوقت ۾ ڏنڊ ادا ڪري سزا کان بچي وڃن ٿا ۽ اهڙي ريت ڪيس لڙهي وڃي ٿو.

سنڌ ۾ ڪارنهن جي الزامن ۾ عورتن جي قتل جي وڌندڙ واقعن کي روڪڻ جي لاءِ اهو ضروري آهي ته رياستي قانون تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي. اهڙن ڪيسن ۾ قتل جي ايف آءِ آر رياست جي مدعيت ۾ ڪاٽي وڃي. هر ضلعي ۾ شيلٽر هائوس قائم ڪيا وڃن. سنڌ ۾ جرڳا سسٽم تي عدالتي پابندي واري حڪم تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي.

جمهوريت جا عالمي ٺيڪيدار ۽ گڏيل قومن جو ادارو

طفيل مگسي

ڪڏهن ائين محسوس ٿيئي ٿو ته مغرب جو ڪم پاڻ پنهنجن کي ۽ ٻين کي به بيوقوف بڻائڻ ۽ ڏرڪو ڏيڻ ڪانسواءِ ڪجھ به ناهي. جمهوريت ڇا آهي؟ ڪجھ ڳڏهن جي مٿان پيل آٿرن جيان عقلمند دانشورن تي ڊڪيٽرشپ جو نالو آهي. علم جا ماهر چون ٿا ۽ هن وقت ته عام به خاص طور تي هندستان جا مسلمانن به ان فراڊ کي سمجھڻ لڳا آهن جمهوريت هڪ ڏوڪي ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ به ناهي ۽ اهو ته اهڙو زمانو آهي ته جڏهن ٽين دنيا جا ملڪ ڇا اڳ جي دنيا جي ملڪن ۾ به ايستائين ته امريڪا ۾ به چوندون( ) ٿيڻ لڳيون آهن ۽ اهو سڀ ان وقت تائين ٿيندو رهندو جيستائين عوام پنهنجي بيداري پنهنجي شعور جو ثبوت ڏيڻ جي لاءِ ڳالهين ڪرڻ کان اڳتي وڌي ڪري پنهنجو ڪردار ادا نٿو ڪري. ٻي جنگ عظيم سيپٽمبر 1939 ع کان وٺي ڪري سيپٽمبر 1945 ع تائين هلي جنهن ۾ يورپ، ايشيا ۽ امريڪا جي ڪافي ملڪن حصو ورتو ۽ انهيءَ جنگ برطانيه کان سندس جو سپر پاور وارو رتبو ڪسي ورتو يعني ان جنگ برطانيه کي هر لحاظ کان ڪوڪلو ڪري ڇڏيو اهوئي سبب هو ته هو پنهنجين ڪالونين کي آزاد ڪرڻ تي مجبور ٿيو. ان جنگ امريڪا ۽ روس کي به سپر طاقت بڻائي ڪري ڪڙو ڪري ڇڏيو ۽ ان کان سرد جنگ جي شروعات ٿي. هتان ڪان ٿي جنگ عظيم جي فاتحن بلڪ فاتحن جي آڙ ۾ صيهوني طاقتون ٽين دنيا جي جي خلاف جنگ ۾ اڪثريت مسلمان ملڪن جي هئي. پنهنجين سازشن جي شروعات ڪري ڇڏي ۽ جيڪي ڪجھ به هنن پنهنجي( ) ۾ طئي ڪيو هو ان کي ستت ويس پاراڻڻ شروع ڪيو.

حالانڪ ( ) نالي اهو ڪتاب 1903 ع ۾ ڇپجي چڪو هو مگر غلامي حريت، فڪر و عمل ڪسي ڇڏيندي آهي ۽ غلامن کي غلامي ۾ جيڪو لطف ايندو آهي اهو انهن کي آزادي جو دشمن بڻائي ڇڏي ٿو سگھ. فڪر ۽ عمل جي فنا ٿيڻ ڪانپوءِ صرف مسلمانن جي شوڪت کي زوال نہ آيو بلڪ اهو حادثو مسلمانن کان پهرين عيسائين تي به گذريو ٿي عظيم. جنگيون سگھ. فڪر ۽ عمل جي فنا ٿيڻ جو نتيجو هيون بهرحال ان آخري عالمي جنگ عظيم جي ڪک ڪان دنيا کي برباد ڪرڻ وارن وري هڪ ادارو ڳولي ورتو ته جيئن دنيا کي بيوقوف بڻائي سگهجي. پروٽوڪولز ۾ طئي ٿيل منصوبابندي جي مطابق عالمي اقتدار جي منزل جي حاصلات ڏانهن واڌائي سگهجي. ان اداري جو نالو گڏيل قومن جو ادارو رکيو ويو 50ملڪن جي نمائندن 1948 ع ۾ سان فرانسسڪو جي هڪ ڪانفرنس ۾ هڪ بين الاقوامي اداري جي قيام تي اتفاق ڪيو. ان جي منشور يا چارٽر کي مرتب ڪيو ويو. ان جي قيام جو مقصد اچڻ وارن نسلن کي جنگين کان محفوظ رکڻ هو. ان جا ٽي عضوا ۽ ڪافي پيون شاخون پڻ آهن.

جنرل اسيمبلي-جنهن ۾ سمورا ميمبر ملڪ هوندا آهن. جنهن اسيمبلي ۾ هر ميمبر ملڪ وڌ کان وڌ پنج نمائندا موڪلي سگهي ٿو مگر ووٽ صرف هڪ ئي ڳڻيو ويندو آهي.

سلامتي ڪائونسل=چوڻ جي لاءِ ته اهو گڏيل قومن جي اداري جو سڀ کان اهم عضوو آهي. جنهن جا ٽوٽل 15 ميمبر هوندا آهن مگر سڀ ڪجھ اهي پنج مستقل ميمبر آهن. جيڪي ڪڏهن نٿا بدلجن يعني امريڪا، روس فرانس. برطانيه ۽ چين ۽ انهن کي ڪنهن به ماعري کي رد ڪرڻ يا ويٽو ڪرڻ جو حق حاصل آهي. جڏهن ته باقي ڏھ ميمبر هر ٻن سالن ۾ بدلايا ويندا آهن ۽ انهن ڏهن ميمبرن ۾ به وڏين طاقتن جي اها ڪوشش هوندي آهي ته انهن جا چمچا ئي ميمبر بڻجن. پوءِ اهي غلام ميمبر بڻجڻ ڪانپوءِ ائين ٿيندا ڏين ٿا. جڻ ڪين کي دنيا جهان جي نعمت حاصل ٿي وئي. ۽ اهو ڪهه غلط به ناهي. آقا جي خدمت جو موقعو ميسر ٿيڻي ٿو. جيتوڻيڪ گڏيل صدي کان دنيا وڏي جمهوري ٿي وئي آهي. عظيم جنگين ڪانپوءِ ته جهڙي ريت ميڊيا جي سهاري تي هٽلر کي هيرو کان ولين بڻايو ويو ساڳيءَ ريت ميڊيا جي معرفت جمهوريت جو اهڙو دهل وڄايو ويو ته ڪن جا پردا ڦاٽي پيا.

ان جي باوجود جمهوريت جي انهن ٺيڪيدارن کي 50\55مسلم ملڪ يا دنيا جي چوٿين مسلم آبادي نظر نہ آئي ته ان جي هڪ نمائندي کي به حق ڏنو وڃي ها. سعودي عرب ۽ ايران ته انهن جا چمچا هئا. انهن کي ٿڌ ويٽو پاور ڏئي ڇڏين ها. آمريت ته روس ۽ چين ۾ به آهي ۽ سعودي عرب ۽ ايران ۾ هئي گ انهن کي تسليم نہ ڪرڻو هو نہ ميمبر بڻائڻو هو ته انهن کان انهن کان چندو وٺڻو هو مگر پتو معيار انهن قون جي رڳ رڳ ۾ شامل آهي. انهن جون صفتون بيشمار آهن ڇاڪاڻ ته اهي ٻٽي معدار جا آهن ڪوڙا آهن مڪار آهن ۽ بزدل آهن اهائي دنيا جي غلامائي ذهنيت ڏسو ته انهن ماڻهن انهن صفت وارين ماڻهن کي زمين جو چوڌري بڻائي رکيو آهي. اقوام متحده جو وجود رکڻ وارن جو پهرين ڏينهن کان مقصد هڪ عالمي نظام قائم. ڪرڻو هو ۽ ڪا قوم. انهن جي دشمن ٿي پيئي سگهي هئي ته اهي مسلمان هئا. جن وٽ خلافت جي شڪل ۾ هڪ عالمي نظام چند سال اڳ تائين ملجود هو ان ڪري پهرين ڏينهن کان ئي ان عالمي نظام جو مقصد مسلمانن کي نقصان پهچائڻ هو اڃو ته هڪ نظر ان جي ڪارڪردگي تي به وجهون. ان جي قيام کان وٺي ڪري اڄ تائين ايڏائي سو کان وڌيڪ جنگيون ٿي چڪيون آهن. يعني اهو ادارو پنهنجي بنيادي مقصد ۾ ناڪام رهيو آهي امريڪا چوڌري جيڪو گڏيل قومن جو سڀ کان وڏو چوڌري آهي. جيڪو ڪيترين ئي بيگناه جنگيون وڙهي چڪو آهي جن ۾ لکين انسان موت جو ڪاچ بڻ بڻجي ويا. ۽ گڏيل قومون جو ادارو هر پيري ان سان گڏ ٿي وڃي ٿوءِ نالي ماتر مذمت ڪري ٿو هي به

چيو وڃي ٿو ته ان تنظيم جي قيام ٿيڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن ٽين عالمي جنگ ناهي ٿي ته ان جو سبب ان تنظيم جي ڪارڪردگي ناهي بلڪ ايٽم بمن جو خوف آهي ۽ اسان چئون ٿا ته ڇا افغانستان. امريڪا جنگ عالمي جنگ نہ هئي. جنهن ۾ سڄي دنيا ته شريڪ هئي ها سموري دنيا فاتح نہ بڻجي سگهي ته ڇا ان ڪري ان کي عالمي جنگ نہ سڏيو وڃي ته پوءِ ڪنهن کي چئجي؟ ايترا سمورا ملڪ ته گڏيل ٻن عظيم جنگين ۾ به شريڪ نہ هئا. اقوام متحده جون بيشمار ناڪاميون آهن ۽ انهن ناڪامين جي پٺيان اهي پنج مستقل ميمبر آهن جن وٽ ويٽو پاور آهي مثلا پيٽ جهڙي ڪوريا جي جنگ. ويتنام جي جنگ . عراق ادران جي جنگ. افغانستان جون جنگيون ۽ ٻيون بيشمار جنگيون آهن جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن پاور رکڻ وارن ملڪن جي مفادن جي سبب کان ٿيون ته پوءِ اقوام متحده جي ڪارڪردگي ڪهڙي رهي؟ وڏي شاندار رهي. انهن جنگين جي متاثرن جي بعد ۾ آبادڪاري ۾ به سندن ئي مفاد هوندو آهي اقوام متحده وٽ هڪ فوج به آهي. جيڪا اتي مقرر ڪئي ويندي آهي جتي ڪنهن وڏي طاقت کي ان جي ضرورت هوندي آهي هونئن اها فوج ڪنهن کي ماري نٿي بلڪ پاڻ ئي مرندي رهي ٿي ان ڪري هن کي غزه ۾ مقرر نٿو ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته اسرائيل مجاهدن کي مارڻ کان ته رهيا. اهي پنهنجي ڪاوڙ اقوام متحده جي فوجين تي ڪيندا.

اهو به ان صورت ۾ جڏهن اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل جناب انٽونيو گوترس خبر ناهي ڪهڙي ڏن ۾ چئي وڌو هو ته حماس جو حملو خلا ۾ نہ ٿڌو هو يعني حماس جو عمل ته ردعمل هو سوچيو ته ڪيترين مرچيون لڳيون هونديون امريڪا بهادر پٽ نيتن ياهو کي. ان ڪري ته هن گوترس جي استعيفي جي ڊمانڊ ڪئي. مگر دنيا جي ڪنهن اڳواڻ کي اها همت نٿي ته نيتن ياهو کي منهن ٽوڙ جواب ڏيئي ها. هن کان اڳ به اسان چئي چڪا آهيون ته اقوام متحده يهودين جو( ) آهي. جنهن کي مسلمانن جي عالمي نظام يا خلافت جي نظام جي مقابلي ۾ هڪ عالمي نظام جي طور تي ويود ۾ آندو ويو آهي. اوپر تيمور 1967 ع ۾ انڊونيشا جو حصو بڻيو هن جي اڪثريتي آبادي عيسائي هئي. سوڊان جي آمر جنرل عمر البشر کي ڏهاءِ ۾ آڻڻ جي لاءِ ڪيترين ئي رانديون ڪيڏيون ويون ۽ تنگ اچي ڪري ان کي جبري ٽوڙيو ويو. مگر اهائي اقوام متحده ڪشمير ۽ فلسطين جي مامرن ۾ مني صدي کان چوڙيون پايون ۽ هٿن کي ميندي هڻيون وينو آهي. اقوام متحده جي پنجن ٺيڪيدارن فلسطينين کي ڏهائي رکيو ۽ اسرائيل کي ظلم ڪرڻ ۾ هرقسم جي مدد ڪئي. حالانڪ امريڪي صدر جان ايف ڪينيڊي اقتدار ۾ ايندي ئي اسرائيلي ايٽمي پروگرام جي پلين پئجي ويو ۽ انهيءَ جي لاءِ 22نومبر 1963 ع ۾ ڪيس کي ان پاداش ۾ قتل پڻ ڪيو ويو.

رهي اَچجي راتڙِي، تن واڍوڙِن وَٽاءِ:
جن کي سورُ سريرَ ۾، گهڻَ مَنجهاران گهاءِ:
لِڪائي لوڪاءِ، پاڙهين پَڏنِ پَٽِيُون.

پنهنجي ڌرتي ۽ قوم جو خلوص دل سان سوچيو

تحرير: عزيزه حنا عباسي

اليڪشن ٿئي پئي، مخصوص پارٽيون جوڙ توڙ ۾ لڳي چڪيون آهن. جهڙي طرح سنڌ ۾ ٻين صوبن جي ماڻهن کي ۽ غير قانوني غير ملڪين کي ڪاغذ نهرائي مخصوص سيٽون ڏيئي چوندن ذريعي اسمبلين ۾ پهچايو وڃي ٿو ته اهي وري هتان جي دولت لٽي پنهنجي ملڪ يا پنهنجي صوبن ڏانهن موڪليندا آهن پر هتي ڪنهن کي به پرواھ ناهي. جهڙي طرح هن ڌرتي جو رهندڙ هتي جي عوام ۽ ترقي جو سوچيندو ڇا ڪو ٻيو ٻاهريون ماڻهو سوچيندو؟ پر اڄان به اسان جا ماڻهو اک نٿا پٽين. گذريل ٻوڏ متاثر اڄان تائين سورن ۾ آهن ڇا انهن جي ڀلي لاءِ ڪو غير سنڌي سنجيدگي سان سوچيندو جتي اسان جا پنهنجا سنڌي ئي سنجيده ناهن اتي ٻين کي ڪهڙو لاچار آهي. سنڌ جي معيشت سنڌ جو ترقياتي ڍانچو. سنڌ جا تعليمي ادارا ،صحت مرڪز ۽ تقريبن هر ادارو تباهي جي ڪنڌي تي ۽ ڪرپشن جي ورچڙهيل آهي. گهڻو ٿيو هاڻي دنيا جون تبديل ٿيندڙ حالتون ڏسي سنڌ جي عوام کي به سوچڻو پوندو ته اسان پنهنجي نسلن جي مستقبل جي لاءِ سوچيون.

اڄ سنڌ جي تعليمي اسڪولن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جون فيسون ٻڌي ڏندين آڱريون اچيون وڃن اتي اهو خيال به ذهن ۾ اچي ٿو ته ڇا هاڻي تعليم به صرف پيسي وارن جي ميراث آهي؟ .ڇو ته ڪي به غريب مزدور ماڻهو يا مڊل ڪلاس تائين جا ماڻهو به اهي فيسون نٿا ڀري سگهن. مسڪين ماڻهن جي ٻچن لاءِ اعلي تعليم ڇڻ خواب بڻجي وئي آهي. ڇو اسان جي قوم سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن کان مڪمل طور لاتعلق آهي. ڇو اهي سوچين نٿا .پنهنجي زمين .پنهنجا ڳوٺ شهر ڌارين حوالي ڪيا پيا وڃن.۽ پنهنجو اقتداري سيٽون جنهن وسيلي هو پنهنجي علائقن کي ترقي ڏياري سگهن ٿا سي به ٻين ڌارين کي ملندي ڏسي به خاموش چپ جو روزو رکيو ويٺا آهن.

اسان جا مقامي سياسي تنظيمن جا اڳواڻ چاهين ته پنهنجي پنهنجي سياسي پارٽين کي مجبور ڪري سگهن ٿا ته ڪنهن به غير مقامي ماڻهن کي پارٽي ٽڪيٽ نہ ڏين. مخصوص سيٽون به نہ ڏين پر سنڌ جي پڙهيل لکيل باشعور نوجوان قيادت کي اڳيان آڻي. ته هو سنڌ جي تباھ ٿيل ڍانچي کي ڪا ترقي ڏيارڻ ۾ ڪردار ادا ڪن. سنڌ جا سچا هڏ ڏوڪي ماڻهو چوندي اسيمبلين تائين پهچايا وڃن ته جيئن ماضي ۾ سنڌ سان ٿيندڙ ويساھ گهاتين ۽ تباهيءَ جا ڪجھ اثر گهٽجي سگهن. سنڌ جي معدنيات. پاڻي .تيل. گئس جو ڀرپور نموني سان آواز اٿاري پنهنجا حق وٺي پنهنجي ڌرتي ايمانداري سان سجائين. ٿرجي ڪاري سون کي ٿرجي عام غريب مسڪين عوام لاءِ لاڀائتو ڪن نہ ڪي پنهنجا بينڪ بيلينس ڀرين.۽ ٿر جا معصوم ٻچا بکن وگهي زندگيون هارائيندا رهن.

سنڌ کي گهڻو نٿو پيري مريدي واري ۽ وڏيرڪي سسٽم جيڪو تباھ ڪيو آهي ان کي ختم ڪرڻ لاءِ جديد بنيادن تي سنڌ جي مستقبل جي معمارن لاءِ بهترين تعليمي ادارا جوڙي ڪارائتيون پاليسيون جوڙيون وڃن ته جيئن سنڌ جو ٻار به دنيا جي تعليمي معيار تي پورو لهي.

هن وقت حالت اها آهي جو مقابلي جي امتحان ۾ جيڪڏهن پنجاھ هزار شاگرد ويهن ٿا ته صرف پندرنهن سئو پاس ٿا ٿين. تازو سنڌ يونيورسٽي جي ٻه هزار چوويھ جي داخلا لاءِ ورتل ٽيسٽ جا نتيجا ڏسو ته ٽيسٽ ڏيندڙ اٺويھ هزار شاگردن مان صرف هڪ سئو اڻونجاھ اميدوارن ٽيسٽ ۾ ستر سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ مارڪون کنيون. اوڻيھ هزار شاگردن مان صرف ٻارنهن سئو ڇاهتر اميدوار سٺ سيڪڙو يا وڌيڪ مارڪون حاصل ڪن ٿا .اها حالت وڃي بيٺي آهي.

سو خدارا پنهنجي ڌرتيءَ ۽ قوم جو خلوص دل سان سوچيو .سنڌ جي سياسي اڳواڻن کي به نماڻي گذارش ته پنهنجي پنهنجي ڏيڍ سرجي مسجد اڏڻ بدران گڏجي سنڌ سونهاري کي نئين سر اڏيو اهو اوهان تي سرزمين سنڌ جو فرض آهي .جيڪو نڀائڻ اوهان جو ڪم آهي.

اسان جا مقامي سياسي تنظيمن جا اڳواڻ چاهين ته پنهنجي پنهنجي سياسي پارٽين کي مجبور ڪري سگهن ٿا ته ڪنهن به غير مقامي ماڻهن کي پارٽي ٽڪيٽ نہ ڏين. مخصوص سيٽون به نہ ڏين پر سنڌ جي پڙهيل لکيل باشعور نوجوان قيادت کي اڳيان آڻي. ته هو سنڌ جي تباھ ٿيل ڍانچي کي ڪا ترقي ڏيارڻ ۾ ڪردار ادا ڪن. سنڌ جا سچا هڏ ڏوڪي ماڻهو چوندي اسيمبلين تائين پهچايا وڃن ته جيئن ماضي ۾ سنڌ سان ٿيندڙ ويساھ گهاتين ۽ تباهيءَ جا ڪجھ اثر گهٽجي سگهن.

بقايا *** 01

۾ هڪ وڏو ڪردار آهي. ملڪ ۾ جڏهن جڏهن غير جمهوري دور آيا وڪيلن قربانيون ڏنيون. پ پ اڳواڻ سعيد غني چيو ته پ پ پارٽي پهريان کان وڌيڪ سيٽون حاصل ڪندي. وفاقي حڪومت پيپلز پارٽي جي هوندي ۽ بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم بڻجندو. ووٽ کي عزت ڏيو جو نعرو هڻندڙ پارٽي گمراھ ٿي رهي آهي. پليئنگ فيلڊ تحريڪ انصاف ۽ ايم ڪيو ايم سميت سمورين سياسي پارٽين لاءِ هئڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته ڪراچي شهر جون حالتون هاڻي بهتر آهن. ايم ڪيو ايم جي دهشت اڳيان ڪوبہ نہ ڳالهائيندو هو ۽ ميڊيا جي آفيسن تي حملا ٿي ويندا هئا. پ پ اڳواڻ سعيد غني چيو ته ايم ڪيو ايم ڪراچي جي سياست ۾ مرده گهوڙو آهي. ايم ڪيو ايم جي هاڻي حالت پينو فقيرواري ٿي وئي آهي.

بقايا *** 02

آءِ چيئرمين جي صحت بهتر آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان ڪاڻي جي ڪابہ شڪايت نہ ڪئي وئي. عليما خان جو چوڻ هو ته ڪيس جو هاءِ ڪورٽ مان اسٽي آرڊر ٿي ويو آهي. ڪيس ۾ اهي قلم شامل ڪيا پيا وڃن جنهن ڪيس (عمران خان) کي موت جي سزا ۽ جنم ٽيپ ٿي سگهي. ٻڌايو وڃي پي ٽي آءِ چيئرمين اهڙو ڪهڙو ڏوھ ڪيو جنهن تي هي قلم لڳايا ويا؟ رانا ثناالله چيئرمين تي ڪيس ڪيو. عمران خان کي پاڪستان ۾ انصاف ملڻ گهرجي.

بقايا *** 03

دهشتگردي ۽ فرقيواريت جي مذمت ڪئي وئي ان موقعي تي آرمي چيف عاصم منير چيو ته بنا ڪنهن مذهبي، صوبائي يا ڪنهن ٻئي فرق جي پاڪستان تمام پاڪستانين جو آهي ۽ رياست ڪانسواءِ ڪنهن اداري يا گروھ جو طاقت جو استعمال ۽ هٿياربند ڪارروائي ناقابل قبول آهي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته عالمن ۽ مذهبي اڳواڻن ملڪ ۾ رواداري، امن لاءِ رياستي ڪوشش ۽ سيڪيورٽي فورسز جي اڻٿڪ ڪاوشن لاءِ پنهنجي ڀرپور حمايت جاري رکڻ جو عزم ورجائيندي چيو ته اسلام امن ۽ ڀائيچاري جو مذهب آهي. ڪجھ عنصرن جي مذهب جي رد ڪيل تشريحون صرف سندن ذاتي مفادن لاءِ آهن. جنهن جو اسلامي تعليم سان ڪو واسطو نہ آهي. آءِ ايس پي آر موجب، آرمي چيف انتهاپسندي، دهشتگردن جي ورغلائيندڙ پروپيگينڊا جي خاتمي لاءِ عالمن جي فتويٰ "پيغام پاڪستان" کي ساراهيو. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته آرمي چيف عالمن کان ورغلائيندڙ پروپيگينڊا جي مشهوري جي تدارڪ ۽ اندروني اختلاف ختم ڪرڻ تي زور ڏنو. آءِ ايس پي آر موجب، فورم گڏيل طور غيرقانوني پرڏيهين جي پنهنجي وطن واپسي، حڪومت پاران هڪ دستاويزي نظام (پاسپورٽ) لاڳو ڪرڻ، اسمگلنگ جي خاتمي، ذخيرا اندوزي، بجلي چوري خلاف قدمن جي حمايت ڪئي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته فورم افغان سرزمين مان پيدا ٿيل دهشتگردي تي پاڪستان جي موقف ۽ خدشن جي مڪمل حمايت ڪئي ۽ خدشا ختم ڪرڻ لاءِ افغانستان تي سنجيدا قدم کڻڻ تي زور ڏنو آءِ ايس پي آر موجب، فورم غزا ۾ جاري جنگ ۾ هٿين خالي فلسطين مٿان ظلمن تي ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ ان کي انسانيت خلاف ڏوھ قرار ڏنو

بقايا *** 04

۾ جسٽس محمد علي مظهر ڪانسواءِ هاءِ ڪورٽس ۽ وفاقي شريعت ڪورٽ جا ججز پڻ شامل آهن سپريم ڪورٽ جي پڌرنامي موجب، نيشنل جڊيشل آٽوميشن ڪميٽي آرٽيفشل انٽيليجنس سميت عدالتي نظام ۾ جدت تي قومي پلان مرتب ڪندي. آٽوميشن ڪميٽي عدالتي نظام ۾ ڊجيٽل جدت آڻيندي ۽ انصاف جي بهتري سان گڏ ڪيسن جي طريقيڪار لاءِ موبائيل ايپ ناهيندي. پڌرائي چيو ويو آهي ته ڪميٽي عدالتي نظام ۽ تحقيق ۾ هنرادو ذهانت کي متعارف ڪرائيندي. جسٽس منصور علي شاھ سمجهي ٿو ته عدليا کي ٽيڪنالاجي ۾ جدت اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ سندس چوڻ آهي ته دنيا صنعتي انقلاب کان ٽيڪنالاجي ڏانهن وک وڌائي چڪي آهي. هي ئي وقت آهي پاڪستان جي عدالتي نظام ۾ جديد ٽيڪنالاجي ۽ تربيتي پروگرامز متعارف ڪرايا وڃن. جسٽس محمد علي مظهر جو ان حوالي سان چوڻ آهي ته انصاف جي شعبي جي ڊجيٽلائزيشن ان تبديلي جي شرواعت آهي جنهن جو قانوني نظام ۾ تصور ڪيان ٿو وقت سان گڏ ڊجيٽل صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ انصاف تائين پهچ وڌيڪ بهتر بڻائڻ تي يقين رکان ٿو ملڪ لاءِ هڪ شفاف ۽ اثرائتو قانوني عمل يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهيان. سپريم ڪورٽ پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته جسٽس منصور لاهور هاءِ ڪورٽ جي پنهنجي دور ۾ ريسورس سينٽر ۽ مخصوص آٽو ميشن پروجيڪٽ شروع ڪيو. جسٽس منصور علي شاھ جي شروع ڪيل نظام سان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس فلو مئنيجمينٽ سسٽم ٺهيو جڏهن ته جسٽس محمد علي مظهر سنڌ هاءِ ڪورٽ کي آءِ ٽي ٽيڪنالاجي آڻڻ لاءِ قدم کنيا. پڌرائي موجب، نيشنل جڊيشل آٽوميشن ڪميٽي قومي عدالتي پاليسي ساز ڪميٽي جي هڪ ماتحت ڪميٽي آهي. قومي عدالتي پاليسي ساز ڪميٽي جو چيئرمين چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ آهي جنهن جو سيڪريٽريٽ قانون ۽ انصاف ڪميشن ۾ آهي.

بقايا *** 05

جي فيصلي کي چئلينج ڪري ڇڏيو فوجي نڪتن تي حملن جي جوابدارن جو فوجي عدالتن ۾ ٽرائل نہ ڪرڻ وارو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي. جڏهن ته آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ جون ڪالعدم قرار ڏنل شقون بحال ڪرڻ جي به استدعا ڪئي وئي آهي. دفاع واري وزارت پاران داخل ڪرايل انٽرا ڪورٽ اپيل ۾ چيو ويو آهي ته اپيلن تي حتمي فيصلو اچڻ تائين پنج رڪني بينچ جي فيصلي تي عملدرآمد روڪيو وڃي. گذريل ڏينهن سنڌ جي نگران سرڪار ۽ شهدا فورم بلوچستان پاران به پنج رڪني بينچ جي فيصلي خلاف اپيلون داخل ڪرايون ويون هيون.

بقايا *** 06

نہ ٿيو آهي. سنڌ سماءِ واري نگران وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ تي پابندي لڳائڻ جي نہ ڪا ايجنڊا آهي ۽ نہ وري اهڙو ڪو معاملو غور هيٺ آهي جڏهن ته نون ليگ ۾ تازو شامل ٿيل اڳواڻ راجا رياض پي ٽي آءِ کي چوندن مان ٻاهر رکڻ واري پنهنجي پراڻي بيان تان هٽ ڪٽي ويو راجا رياض جو چوڻ آهي ته هاڻي صورتحال تبديل ٿي وئي آهي، پي ٽي آءِ کي چوندون وڙهڻ جي اجازت ڏني ويندي، ان ڪان اڳ راجا رياض جو چوڻ هو ته چوندن ۾ پي ٽي آءِ سندس چوند نشان بيٽ ڏسڻ لاءِ نہ ملنديون.

بقايا *** 07

سي آفيس پهرين نومبر کان 16 نومبر 2023 تائين روزاني قيمتن جي چڪاس ۽ ڏنڊن جي حوالي سان سب ڊويزن وار مجموعي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي اسسٽنٽ ڪمشنرن، مختيارڪارن ۽ پرائس چيڪنگ مئجسٽريٽ تي مشتمل ٽيمن پاران گرانفروشن، منافع خورن ۽ ذخيره اندوزن خلاف ڪل 362 ڪيس داخل ڪيا ويا ۽ مٽن 3365000 رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو ڊپٽي ڪمشنر آفيس پاران جاري ڪيل مجموعي رپورٽ ۾ ڏکڻ ضلعي جي سب ڊويزن سول لائنز ۾ 32 ڪيس رپورٽ ٿيا ۽ 785000 رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو. صدر ۾ رپورٽ ٿيل ڪيسن جو انگ 77 هو جن تي 759000 رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو. گارڊن ۾ 46 ڪيس ۽ 507000 ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آرام باغ جا 98 ڪيس رپورٽ ٿيا ۽ 761000 ڏنڊ لڳايو ويو ۽ سب ڊويزن لياري ۾ رپورٽ ٿيل ڪيسن جو انگ 109 هو جن تي 553000 ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو. ڊي سي آفيس پاران 1 نومبر کان 16 نومبر تائين جاري ڪيل مجموعي رپورٽ موجب پرائيس ڪنٽرول جي ڪاروائين جي حوالي سان سڀ کان وڌيڪ ڏنڊ ڪرياني، گوشت، بيڪري جي شين ۽ انڊن جي دڪانن تي لاڳو ڪيو ويو ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪراچي ضلعي ڏکڻ ڪراچي جي سمورن سب ڊويزنن ۾ سرڪاري مقرر ڪيل اگهن تي شهرين کي ڪاڌي پيتي جي شين جي فراهمي کي يقيني بڻائي ۽ اي سيز ۽ مختيارڪارن کي واضع هدايتون ڏنيون آهن ته هو دڪاندارن، منافع خورن ۽ ذخيره اندوزن خلاف قانون موجب ڪاروايون جاري رکن

بقايا *** 08

واري وزير عمر سومرو مذهبي معاملن واري وفاقي وزارت کي احتجاجي خط لکي چيو آهي ته جڏهن صوبائي ڪوٽا مختص ڪئي وئي آهي ته ان تي عمل ڇو نہ ناهي ڪيو ويو؟ مذهبي معاملن واري وزارت جي فلاحي عملي جي اسڪيم تحت حج مشن ۾ انتظامي معاملن جي مقرري ۾ صوبن جو ڪوٽا مختص ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير عمر سومرو چيو آهي ته سعودي عرب ۾ سرڪاري ملازمن کي وفاقي حج مشن ۾ خادم مقرر ڪرڻ ۾ صوبن کي ڪو به حصو نہ ڏنو پيو وڃي. حج پاليسي تحت هر سال 300 کان وڌيڪ وفاقي ملازم مڪي ۽ مديني ۾ حج جي فرض دوران حاجين جي خدمت لاءِ مقرر ڪيا ويندا آهن. پر وفاق سنڌ مان هڪ به ملازم حاجين جي خدمت لاءِ نہ ٿو گهرائي. مذهبي معاملن واري صوبائي وزير عمر سومرو چيو آهي ته گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ايندڙ سال 2024 ۾ وڌيڪ حاجي حج تي ويندا. حاجين جي وڏي انگ کي نظر ۾ رکندي حج مشن لاءِ وڌيڪ ملازمن جي ضرورت پوندي. خط ۾ قانون واري وزير عمر سومرو چيو آهي ته 18 هين ترميم ڪانپوءِ مذهبي معاملن واري صوبائي کاتي جي ملازمن کي به مڪي مديني ۾ حج مشن دوران خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ مقرري ۾ شامل ڪيو وڃي.

بقايا *** 09

تائين پڇاڳاڇا ڪئي. جيل ذريعن جو چوڻ آهي ته نيب ٽيم ۾ سردار مظفر، محسن هارون ۽ اويس شامل هئا. جيل ذريعن جو چوڻ آهي ته نيب ٽيم عدالتي حڪمن تي 15 نومبر تي جيل ۾ جاچ شروع ڪئي هئي. نيب ٽيم پي ٽي آءِ چيئرمين کان پڇاڳاڇا ڪانپوءِ اڏيالا جيل مان رواني ٿي وئي

بقايا *** 10

رورل ڊولپمينٽ سنڌ جو نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز ڪندا. آگاهي واڪ جي انعقاد جي حوالي سان سيڪريٽري سوشل ويلفيئر سنڌ ساجد جمال ابڙو 19 نومبر آچر تي سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي ۽ سوشل ويلفيئر کاتي جي گڏيل اجلاس ۾ سي ويو ۾ منعقد ٿيڻ واري آگاهي واڪ جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏني آگاهي واڪ سي ويو کان صبح 9:30 وڳي شروع ٿي نشان پاڪستان پارڪ تي ختم ٿيندي. سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ساجد جمال ابڙو والدين کي اپيل ڪئي آهي ته هو ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي منعقد ڪيل آگاهي واڪ ۾ پنهنجي ٻارن سان گڏ وڌ ۾ وڌ شرڪت ڪن.

بقايا *** 11

شرح 41 ڏهائي 90 سيڪڙو تائين پهچي وئي. شماريات کاتي ٻڌايو ته هڪ هفتي دوران پنجويھ شيون مهانگيون ۽ ٽيرنهن سستيون ٿيون. رپورٽ موجب، هڪ هفتي دوران قدرتي گئس 480 سيڪڙو، چانھ 8.88، مهري جي دال 5.28 سيڪڙو، جيئري ڪڪڙ 3.99 سيڪڙو ٿوم 3.09 سيڪڙو مهانگي ٿي، جڏهن ته لوڻ، اٽي ايل پي جي ۽ پٽاٽن جي اگهن ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. ان ڪانسواءِ في ڪلو ٽماٽا 11.16 سيڪڙو، ڪيند 4.24 سيڪڙو ۽ بصر في ڪلو 1.49 سيڪڙو سستا ٿيا. جڏهن ته ڪڻڪ آٽل گيھ، چانور ۽ ڳڙ به سستو ٿيو آهي.

بقايا *** 12

پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته اها رقم پاڪستان ۾ بجلي جي ورج واري نظام ۾ بهتري لاءِ استعمال ٿيندي ۽ پنجاب ۽ ڪي پي ۾ بجلي جي ورچ وارو نظام بهتر بڻايو ويندو ايشيائي ترقياتي بئنڪ موجب، اعتماد جوڳي بجلي جي فراهمي، گڏيل ۽ پائيدار اقتصادي ترقي لاءِ ضروري آهي.

بقايا *** 13

ته خديجه شاھ کي نظربند ڪرڻ جو حڪم ايس پي ڪينٽ ۽ ڊسٽرڪٽ انٽيليجنس برانچ جي شفارش تي جاري ڪيو ويو نوٽيفڪيشن موجب، خديجه شاھ 9 مئي تي پرتشدد ڪاروائين ۾ شامل هئي ۽ هوءِ ٻيهر امن امان جي صورتحال خراب ڪري سگهي ٿي. ياد رهي ته جناح هائوس لاهور ۾ ڀڃ ڊاهه واري ڪيس ۾ خديجه شاھ کي گرفتار ڪيو ويو هو

بقايا *** 14

مشورو ڏئي ڇڏيو اڳوڻي صوبائي وزير ناصر شاھ پنهنجي بيان ۾ چيو ته چاهيون ٿا ته پي ٽي آءِ جيئرمين چوندن ۾ حصو وٺي پر ان لاءِ اڳوڻي وزيراعظم پنهنجي سياسي جي طرز تبديل ڪري ۽ پنهنجين ڪوتاهين تي ڌيان ڏئي. ناصر شاھ مطالبو ڪيو ته 9 مئي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب فيصلو ٿيڻ گهرجي. هن اهو به چيو ته استحڪام پاڪستان پارٽي پي ٽي آءِ جا ووٽ ورهائي سگهي ٿي، استحڪام پاڪستان پارٽي جو اڃا ڪو به مستقبل نظر نہ پيو اچي. چاهيون ٿا ته پي ٽي آءِ چيئرمين چوندن ۾ حصو وٺي. پ پ اڳواڻ چيو ته پ پ سدائين بزنس ڪميونٽي جو ساٿ ڏنو ۽ بزنس ڪميونٽي نه ڏٺي، پ پ پتو ناهي گهرندي نہ ٿي پرچي جي سياست ڪندي آهي، چئني صوبن ۾ پ پ جي پوزيشن سني آهي، قومي اسيمبلي جي سڀ کان وڏي جماعت پ پ هوندي. سندس چوڻ هو ته غيرقانوني پرڏيهي کي عزت سان واپس موڪليو وڃي. سڄي دنيا ۾ گرين پاسپورٽ افغانين جي ڪري بدنام ٿيو اڄ به 10 هزار جي ويجهو ماڻهو روز پاڪستان اچي رهيا آهن.

بقايا *** 15

ڏاکڻي صوبن سارنگاني ۽ ڪوٽاباٽو سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ محسوس ڪيا ويا. زلزلي جي شدت ايتري هئي جو ماڻهو خوف ۾ پنهنجي گهرن ۽ عمارتن مان ٻاهر نڪري آيا. پئسفڪ سونامي سينٽر جو چوڻ آهي ته زلزلي جي گهرائي 10 ڪلوميٽر هئي، هن وقت تائين ڪنهن به جاني نقصان جو اطلاع ناهي مليو.

بقايا *** 16

جنگهون ڪيڏيون پيون وڃن پر اسان جو مقابلو ڪنهن سياسي جماعت سان نہ مهانگائي سان آهي هن خبردار ڪيو ته سيني کي نظر اچي رهيو آهي ته اليڪشن پ پ کٽيندي پر جيڪڏهن هڪ ڀيرو وري سليڪشن ٿي ته ملڪ کي وڌيڪ نقصان پهچندو. عوام سليڪٽڊ راڄ قبول نہ ڪندي صرف عوام کي اهو حق حاصل آهي ته هو فيصلو ڪري ته سندن حڪمران ڪير هوندو. پ پ چيئرمين وڌيڪ چيو ته عوامي راڄ قائم ڪرڻ لاءِ اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي کي ڪامياب ڪرائڻو پوندو. مسئلن جي حل لاءِ پپ کي اليڪشن کٽرائڻي پوندي جو ته مهانگائي ۽ بيروزگاري جو حل رڳو پ پ وٽ آهي. ملڪ جي حالتن جي سيني کي خبر آهي. اسان گڏجي ملڪ کي مسئلن مان ڪيدناسين.

بقايا *** 17

ويو ۽ (115) ايس ايس پي سٽي مان. پهرين ڪان 16 نومبر تائين حراست ۾ ورتل غير قانوني پرڏيهين جو ڪل تعداد (187) آهي. جن کي ضلعي ڏکڻ ڪراچي ۾ حاجي ڪيمپ جي حوالي ڪيو ويو.

بقايا *** 18

وڌيڪ غير معياري ۽ ڪيميڪل مليل ڳڙ هٽ ڪري ورتو آهي خيبرپختونخواھ فوڊ سيفٽي اينڊ حلال فوڊ اٿارٽي جي ترجمان موجب فوڊ سيفٽي ٽيمن پشاور جي ڳوٺ ميلوگن ۾ مختلف ڳڙ جي اڏن تي ڇاپو هنيو ترجمان موجب 2 هزار ڪلو گرام کان وڌيڪ غير معياري ۽ ڪيميڪل مليل ڳڙ هٽ ڪيو ويو جاچ دوران 1500 ڪلو ڪند پڻ هٽ ڪري سرڪاري تحويل ۾ ورتي وئي جڏهن ته مالڪن خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 19

ڊاڪٽر جمال ناصر جو چوڻ آهي ته لاهور ۾ تيار ڪيل ڪف سيرپ پرڏيھ ۾ به سپلاءِ ڪيا ويندا هئا. ڊاڪٽر جمال ناصر جو چوڻ هو ته ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (ڊبليو ايچ او) مالديپ جي شربتن ۾ شراب جي شڪايت تي تحقيق ڪئي، ڊريپ جي سفارش تي پنجاب حڪومت پنجن شربتن جو وڪرو بند ڪري ڇڏيو هو چيو ته پنجاب جي سمورن ميڊيڪل اسٽورن تان انهن شربتن جو اسٽاڪ فوري طور واپس ورتو پيو وڃي ۽ شربت ٺاهڻ واري فيڪٽري کي سيل ڪيو پيو وڃي.

بقايا *** 20

اڪادمي ادبيات پاڪستان جي پهرين عورت چيئرپرسن، پروفيسر ڊاڪٽر نجيبه عارف، اڪيڊمي جي ڪراچي ۾ قائم سنڌ صوبائي دفتر جي پنهنجي ڏوري دوران سنڌي، اردو ۽ گجراتي زبان جي ناميارن اديبن جي وفد سان هڪ غير رسمي ملاقات ڪئي ۽ ڪراچي دفتر جي سرگرمين کي ٻيهر نئين سر شروع ڪرڻ جي حوالي سان تجويزون ۽ صلاحون گهريون ۽ سائن خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان موقعي تي اردوءَ جي اديبن ۾ ڊاڪٽر فاطمه حسن، پروفيسر رضيه سبحان، ڊاڪٽر نزهت عباسي ۽ رخسانه صباح، سنڌي قلمڪارن ۾ ياسر قاضي، پروفيسر الطاف اثيم، ڊاڪٽر عابد مظهر، اظهر ٻانبڻ، ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ ضيا ابڙو، جڏهن ته گجراتي ٻوليءَ جو معروف اديب ڪتري عصمت علي پٽيل شريڪ ٿيا. ڳالهه ٻولهه ۾ اڪادميءَ پاران رڳو ڪراچيءَ ۾ ئي نه، بلڪ سڄيءَ سنڌ ۾ ادبي سرگرمين ۽ ساهتي تحرڪ شروع ڪرڻ، سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ به قومي سطح جون ڪانفرنسون، 6 ڏهاڙي درجي جا سيمينار ۽ 24 جي لڳ ڀڳ ننڍيءَ سطح جون نشستون ڪوٺائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو. جن جي انعقاد لاءِ مختلف ادارن، يونيورسٽين ۽ تنظيمن سان اشتراڪ جي امڪان کي پڻ بحث هيٺ آندو ويو. گڏوگڏ ايندڙ مهيني ڊسمبر ۾ شيخ اياز جي سؤ سالا جنم ڏينهن جي سلسلي ۾ ملهائجندڙ "شيخ اياز جي سال" جي تحت صوبائي سطح تي شيخ اياز ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي پڻ منظوري ڏني وئي.

بقايا *** 21

وطن جو حق ادا نہ ڪيو. اسان کي پراڻي لڪيرن کي مٽائي نئين مستقبل لاءِ رستو ٺاهڻو پوندو. پشاور ۾ جلسي کي خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته صوبي ۾ اڳتي جي يو آءِ اڪثريت حاصل ڪندي. اهڙوڪي جلسي مان ثابت ٿيو ته ايندڙ حڪومت اسان جي آهي هن چيو ته پاڪستان لاءِ لکين ماڻهن قربانيون ڏنيون هاڻ اسان کي وطن ۾ انقلاب جي نئين راهه ڳولهڻي پوندي، اسان کي عالمي سازشن جو جهي سمجهڻو پوندو سندس چوڻ هو ته اڄ اسان جي فوج کي بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي. پاڪستان کي معاشي بحران جو شڪار ڪرڻ حادثو ناهي ايڏي معاشي تباهي حادثاتي طور تي ناهي ٿيندي. ان پنيان ڪشمير ورهائڻ ۽ اسرائيل کي قبول ڪرڻ جو منصوبو هو فضل الرحمان وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي موجودا صورتحال جو ذميوار رڳو عمران خان نه پر پراجيڪٽ متعارف ڪرائڻ وارا قمر باجوا ۽ فيض حميد به آهن.

بقايا *** 22

جي رپورٽ موجب، پاڪستان جي پنجويھ ڪروڙ جي مقابلي افغانستان جي رڳو پنج ڪروڙ آبادي لاءِ پاڪستان جي رستي افغان ٽرانزٽ ٽريڊ ڪيٽي پيرا وڌيڪ آهي. افغان ٽرانزٽ ٽريڊ جي درآمدي قدر جا انگ اکر پاڪستان جي مقابلي ۾ وڌيڪ آهن. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته 2022_23 ۾ پاڪستان 84 ملين ۽ افغانستان لاءِ چار سئو چار ملين ڊالرز جا ٽائر امپورٽ ٿيا. رپورٽ ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته افغانستان ۾ بليڪ ٽي جي کپت ٿي ناهي پر گذريل مالي سال 89 ملين ڊالر جي چانھ امپورٽ ٿي، ان ڪانسواءِ هلندڙ مالي سال پاڪستان 83 ملين ڊالرز جو فيبرڪ ۽ 12 ملين ڊالر جا ٽائر امپورٽ ڪري سگهيو جڏهن ته افغانستان لاءِ ڪجھ مهينن دوران 440 ملين ڊالر جو فيبرڪ ۽ 92 ملين ڊالر جا ٽائر امپورٽ ٿيا. رپورٽ موجب، مالي سال 2021_22 ۾ پاڪستان 492 ملين ڊالر جو فيبرڪ 225 ملين ڊالر جا ٽائر امپورٽ ڪيا، ساڳي ٿي سال افغانستان لاءِ 1416 ملين ڊالر جو فيبرڪ ۽ 235 ملين ڊالر جا ٽائرز امپورٽ ٿيا. انٽيليجنس رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته حقيقت ۾ افغانستان امپورٽس اسمگل ٿي پاڪستان ۾ ٿي وڪرو ٿينديون رهيون، افغان ٽرانزٽ ٽريڊ سبب پاڪستان کي غيرمعمولي مالي نقصانن جو منهن ڏسڻو پيو ڪسٽم رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته انتهائي تلخ فيصلاءِ سخت ترين قدمن بعد صورتحال بهتر ۽ هاڪاري نظر اچي رهي آهي. افغان ٽرانزٽ ٽريڊ جا ڪنٽينرز حقيقت ۾ پاڪستان ۾ ئي ڪلندا رهيا، افغان ٽريڊ جو سامان افغانستان مان اسمگل ٿي پوري پاڪستان ۾ وڪرو ٿيندو رهيو ۽ افغان ٽرانزٽ ٽريڊ پاليسي پاڪستان جي معاشي تباهي ۽ بربادي جو سبب بڻي

بقايا *** 23

انصاف چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين شاھ محمود قريشي خلاف سفارتي سائفر ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بي بي ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڀينرن سميت ٻيا اڊيالا جيل پهتا. اسلام آباد هائيڪورٽ جي منع نامي ڪانپوءِ خاص عدالت سائفر ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪنهن ڪاروائي جي 21 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ايف آءِ اي جي اسپيشل پراسيڪيوٽر ذوالفقار نقوي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي منع نامي بعد ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي آهي سرڪاري پراسيڪيوشن طرفان شاهد به پيش نہ ڪيا ويا.

بقايا *** 24

ڪئي. سپريم ڪورٽ سنڌ ۽ ڪي پي ۾ ايم ڊي ڪيٽ جي ٽيسٽ ٻيهر ڪرائڻ جو هاءِ ڪورٽ وارو فيصلو برقرار رکيو ياد رهي ته پشاور هاءِ ڪورٽ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ڪاپي جي بنياد تي ٻيهر ڪرائڻ کي صوبائي حڪومت جو اختيار قرار ڏنو هو

بقايا *** 25

مرڪ جان جي ننڍي ڀيڻ مهڪ جان پيرزادو ميڊيا کي ٻڌايو ته مرڪ جي ڊيڪاريل ڊائري تمام گهڻو وقت اڳ جي آهي ڪراچي ۾ جشن لطيف پروگرام ۾ به سيف جتوئي مرڪ تي تشدد ڪيو هو جنهن بعد هن پروگرام ڪينسل ڪيو پئي ڪيو پر اسان ڪيس سمجهائي پروگرام ڪرڻ جو چيو جيئن غلط تاثر نہ ٿئي سيف جتوئي مرڪ کي هر وقت فونون ڪري بليڪ ميل ڪندو رهندو هو سندس ڀيڻ ڪائنس هميشه گڏ رهي پر هڪ مهينو اڳ سيف جتوئي جي دٻاءِ تي ڪين ڳوٺ مانجهند موڪلي سمورن ڀينن کان الڳ رهندي هئي مهڪ چيو ته سيف جتوئي جي فون اچڻ کان پوءِ مرڪ اڪثر روئيندي رهندي هئي ڪيس ڪيترائي ڀيرا تشدد به ڪيو ويندو هو پوليس کي سيف جتوئي کي فوري طور جاچ لاءِ حراست ۾ وٺڻ گهرجي مهڪ وڌيڪ چيو ته سيف جتوئي ۽ مرڪ جي ذال مڙس واري رشتي جي افواهن کي مڪمل طور رد ڪيان ٿي مرڪ جان کي غسل ڏيندڙ ٻڌايو ته مرڪ جو مٿو نہ ڀڳو هو سندس جسم تي ڪوبہ زخم جو نشان نہ هو پرخودڪشي وقت سندس پير بيڊ تي پيل هئا جنهن مان لڳي ٿو ته ڪيس قتل ڪري پکي سان ٽنگيو ويو آهي جڏهن ته ڪين اطلاع به سيف جتوئي طرفان مليو هو مرڪ جي امڙ ٻڌايو ته مون خود ڏٺو ته سندس ڌيءَ تي سيف وحشاڻو تشدد ڪيو هو موت جو ذميوار اهو ئي آهي ڪيس گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا *** 26

صبح جو 8 وڳي تائين 48 ڪلاڪن لاءِ بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. سوئي سدرن گيس ڪمپني جي ٻڌائي موجب گهريلو واهپيدارن لاءِ گيس جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ اهو قدم کنيو پيو وڃي. سموري جنرل انڊسٽريز ۽ انهن جا بجلي پيدا ڪندڙ يونٽس به ڇنڇر 18 نومبر صبح جو 8 وڳي کان ايندڙ 48 ڪلاڪن تائين بند رهندا.

بقايا *** 27

ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو اگهه 25 پئسا گهٽتائي سان 288.50 رپيا تي ويو ٻئي طرف انٽربينڪ مارڪيٽ ۾ ڊالر جي اگهه ۾ 38 پئسا گهٽتائي ٿي آهي. جنهن ڪانپوءِ ڊالر 287 رپيا 50 پئسا تي واپار ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 28

ٽيم جي سليڪشن ڪميٽي جو چيف سليڪٽر مقرر ڪري ڇڏيو وهاب رياض جي پهرين اسائنمينٽ 14 ڊسمبر کان ست جنوري تائين آسٽريليا ۾ ٿيندڙ ٽن ٽيسٽ ميچن جي سيريز ۽ نيوزيلينڊ ۾ 12 کان 21 جنوري تائين پنج ميچن جي ٽي ٽوئنٽي سيريز لاءِ پاڪستاني ٽيم جي چونڊ هوندي. پي سي بي موجب، وهاب رياض جو چوڻ آهي ته قومي سليڪشن ڪميٽي جو سربراھ بڻجڻ سندس لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي. هو پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي مئنيجمينٽ ڪميٽيءَ جي سربراھ ذڪاءِ اشرف جو ٿورائتو آهي جنهن کيس ذميواري لاءِ مٿس اعتماد ڪيو هن چيو ته ڪرڪيٽ جي معاملن ۾ اڳوڻن ڪرڪيٽرز کي شامل ڪرڻ جو فيصلو ساراهڻ جوڳو آهي ۽ هو پاڪستان ڪرڪيٽ جي بهتري لاءِ ڪم ڪرڻ جو خواهشمند آهي.

بقايا *** 29

بنا لائسنس گاڏيون ۽ بائيڪ هلائڻ وارن ننڍي عمر وارن ڊرائيورن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏيندي آءِ جي پوليس، سي سي پي او لاهور ۽ تمام آر پي اوز کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون. نگران وڏي وزير محسن نقوي چيو ته ننڍي عمر وارن ڊرائيور نہ رڳو پنهنجي لاءِ پر ٻين لاءِ به خطرو آهن. هن والدين کي به هدايت ڪندي چيو ته هو ننڍي عمر وارن ٻارن کي گاڏي يا موٽرسائيڪل هلائڻ جي اجازت نہ ڏين.

بقايا *** 30

مڪمل طور تي تباھ ٿي وئي، پوليس موجب ڊفينس فيز 8 ۾ ڪار روڊ جي وچ ۾ ٺهيل پول سان ٽڪرائجي وئي، حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو ڪار جي رفتار ايتري ته تيز هئي جو ڪار پول سان ٽڪرائجڻ بعد مڪمل طور تي تباھ ٿي وئي. حادثي جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار 2 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، جن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو. جنهن جي سڃاڻپ مير حمن زهري طور ٿي. جڏهن ته ٻئي زخمي جي سڃاڻپ شير محمد جي نالي سان ٿي آهي، جيڪو مارجي ويل مير حمن زهري جو ڊرائيور هو پوليس واقعي واري هنڌ تان شاهديون گڏ ڪري ورتيون آهن ۽ جاچ جاري آهي.

بقايا *** 31

حلال ٿي وڃي پکين ۽ جانورن کي هڪ ٻئي جي سامهون حلال ڪرڻ کان پڻ منع ٿيل آهي اسان وٽ پرڏيهي پکين جو غيرقانوني شڪار روڪڻ لاءِ وائلڊ لائف کاتو قائم ٿيل آهي ڏسجي ته وائلڊ لائف کاتي جي ڪارڪردگي زيرو جي برابر آهي ان لاءِ بهتر آهي ته وائلڊ لائف کاتو مڪمل طور تي ختم ڪري ان بي لاپ اداري جي اهلڪارن جي پگهارن جي مد ۾ ساليانو قومي خزاني کي ٿيندڙ ڪروڙين روپين جي نقصان کان قوم کي بچايو وڃي

بقايا *** 32

ڪري. انهن موبائلن جي لوڪيشن معلوم ڪرڻ لاءِ پوليس چونڪي قائم ڪئي ويئي هئي. پر اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اها پوليس چونڪي صرف ميلي جي ٽائيم ۾ کولي وڃي، ٿي پر پوءِ اها پوليس چونڪي سڄو سال بند رهي ٿي، حضرت قلندر لعل شهباز رحمت الله عليہ جي پانديئڙن کي هن پوليس چيڪ پوسٽ قائم ڪرڻ جو ڪو فائدو نہ ملي رهيو آهي. جڏهن ته هيءَ پوليس چونڪي جيڪا حڪومت سنڌ درگاھ حضرت قلندر شهباز رحمت الله عليہ جي مزار تي قائم ڪئي آهي، ته ان چونڪي تي پوليس عملو مقرر ڪيو وڃي، ۽ هن پوليس چونڪي کي بحال ڪيو وڃي، ته جيئن حضرت قلندر شهباز رحمت الله عليہ جي زيارت ڪرڻ لاءِ ايندڙ پانديئڙن کي پنهنجي ڪيسي مان نڪتل جيب ڪترن جي هٿان موبائلون ۽ ٻيو سامان وغيره جي صحيح نموني جانچ ڪري انهن قلندر جي پانديئڙن جون نڪتل ڪيسن مان موبائلون يڪدم واپس ڪرائي سگهجن. هاڻي ته حضرت لعل شهباز قلندر رح جي پانديئڙن جو ڪو به سامان محفوظ نہ آهي، جيب ڪترا آساني سان بي خوف ٿي حضرت لعل شهباز قلندر رحمت الله عليہ جي پانديئڙن جا ڪيسا ڪٽي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا. سيوهڻ جي عوام ايس ايس پي جامشورو کان مطالبو ٿي ڪري ته سيوهڻ ۾ حضرت قلندر لعل شهباز رحمت الله عليہ جي مزار پرسان جيڪا پوليس چونڪي قائم ڪئي ويئي آهي، ان ۾ عملو مقرر ڪري ان چونڪي کي بحال ڪيو وڃي، ته جيئن حضرت قلندر لعل شهباز رحمت الله عليہ جي مزار تي ايندڙ زائرين جي ڪيسن کي بشنين کان تحفظ ملي سگهي.

بقايا *** 33

۾ جسٽس محمد علي مظهر ڪانسواءِ هاءِ ڪورٽس ۽ وفاقي شريعت ڪورٽ جا ججز پڻ شامل آهن سپريم ڪورٽ جي پڌرنامي موجب، نيشنل جڊيشل آٽوميشن ڪميٽي آرٽيفشل انٽيليجنس سميت عدالتي نظام ۾ جدت تي قومي پلان مرتب ڪندي. آٽوميشن ڪميٽي عدالتي نظام ۾ ڊجيٽل جدت آڻيندي ۽ انصاف جي بهتري سان گڏ ڪيسن جي طريقيڪار لاءِ موبائيل ايپ ناهيندي. پڌرائي چيو ويو آهي ته ڪميٽي عدالتي نظام ۽ تحقيق ۾ هنرادو ذهانت کي متعارف ڪرائيندي. جسٽس منصور علي شاھ سمجهي ٿو ته عدليا کي ٽيڪنالاجي ۾ جدت اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ سندس چوڻ آهي ته دنيا صنعتي انقلاب کان ٽيڪنالاجي ڏانهن وک وڌائي چڪي آهي. هي ئي وقت آهي پاڪستان جي عدالتي نظام ۾ جديد ٽيڪنالاجي ۽ تربيتي پروگرامز متعارف ڪرايا وڃن. جسٽس محمد علي مظهر جو ان حوالي سان چوڻ آهي ته انصاف جي شعبي جي ڊجيٽلائزيشن ان تبديلي جي شرواعت آهي جنهن جو قانوني نظام ۾ تصور ڪيان ٿو وقت سان گڏ ڊجيٽل صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ انصاف تائين پهچ وڌيڪ بهتر بڻائڻ تي يقين رکان ٿو ملڪ لاءِ هڪ شفاف ۽ اثرائتو قانوني عمل يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهيان. سپريم ڪورٽ پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته جسٽس منصور لاهور هاءِ ڪورٽ جي پنهنجي دور ۾ ريسورس سينٽر ۽ مخصوص آٽو ميشن پروجيڪٽ شروع ڪيو. جسٽس منصور علي شاھ جي شروع ڪيل نظام سان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس فلو مئنيجمينٽ سسٽم ٺهيو جڏهن ته جسٽس محمد علي مظهر سنڌ هاءِ ڪورٽ کي آءِ ٽي ٽيڪنالاجي آڻڻ لاءِ قدم کنيا. پڌرائي موجب، نيشنل جڊيشل آٽوميشن ڪميٽي قومي عدالتي پاليسي ساز ڪميٽي جي هڪ ماتحت ڪميٽي آهي. قومي عدالتي پاليسي ساز ڪميٽي جو چيئرمين چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ آهي جنهن جو سيڪريٽريٽ قانون ۽ انصاف ڪميشن ۾ آهي. ۾ جسٽس محمد علي مظهر ڪانسواءِ هاءِ ڪورٽس ۽ وفاقي شريعت ڪورٽ جا ججز پڻ شامل آهن. سپريم ڪورٽ جي پڌرنامي موجب، نيشنل جڊيشل آٽوميشن ڪميٽي آرٽيفشل انٽيليجنس سميت عدالتي نظام ۾ جدت تي قومي پلان مرتب ڪندي. آٽوميشن ڪميٽي عدالتي نظام ۾ ڊجيٽل جدت آڻيندي ۽ انصاف جي بهتري سان گڏ ڪيسن جي طريقيڪار لاءِ موبائيل ايپ ناهيندي. پڌرائي چيو ويو آهي ته ڪميٽي عدالتي نظام ۽ تحقيق ۾ هنرادو ذهانت کي متعارف ڪرائيندي. جسٽس منصور علي شاھ سمجهي ٿو ته عدليا کي ٽيڪنالاجي ۾ جدت اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ سندس چوڻ آهي ته دنيا صنعتي انقلاب کان ٽيڪنالاجي ڏانهن وک وڌائي چڪي آهي. هي ئي وقت آهي پاڪستان جي عدالتي نظام ۾ جديد ٽيڪنالاجي ۽ تربيتي پروگرامز متعارف ڪرايا وڃن. جسٽس محمد علي مظهر جو ان حوالي سان چوڻ آهي ته انصاف جي شعبي جي ڊجيٽلائزيشن ان تبديلي جي شروعات آهي جنهن جو قانوني نظام ۾ تصور ڪيان ٿو وقت سان گڏ ڊجيٽل صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ انصاف تائين پهچ وڌيڪ بهتر بڻائڻ تي يقين رکان ٿو ملڪ لاءِ هڪ شفاف ۽ اثرائتو قانوني عمل يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهيان. سپريم ڪورٽ پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته جسٽس منصور لاهور هاءِ ڪورٽ جي پنهنجي دور ۾ ريسورس سينٽر ۽ مخصوص آٽوميشن پروجيڪٽ شروع ڪيو. جسٽس منصور علي شاھ جي شروع ڪيل نظام سان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس فلو مئنيجمينٽ سسٽم ٺهيو جڏهن ته جسٽس محمد علي مظهر سنڌ هاءِ ڪورٽ کي آءِ ٽي ٽيڪنالاجي آڻڻ لاءِ قدم کنيا. پڌرائي موجب، نيشنل جڊيشل آٽوميشن ڪميٽي قومي عدالتي پاليسي ساز ڪميٽي جي هڪ ماتحت ڪميٽي آهي. قومي عدالتي پاليسي ساز ڪميٽي جو چيئرمين چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ آهي جنهن جو سيڪريٽريٽ قانون ۽ انصاف ڪميشن ۾ آهي.

بقايا سنڌيار 01

ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. هوڏانهن عبدالغفور شيخ ۽ ٻين سوگوار پوئٽرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي بلند درجات جي لاءِ دعا ڪئي.

بقايا سنڌيار 02

کي هدايت ڪندي چيو ته روزانو جي بنياد تي اسڪول، اسپتالن سميت مارڪيٽن جا دورا ڪيا وڃن، اسڪولن ۾ ٻارن جي تعليم، استادن ۽ شاگردن جي موجودگي سميت ٻين سهولتن بابت آگاهه ڪيو وڃي، اسپتالن ۾ مريضن جو ٺيڪ علاج، دوائن سميت عملي جي موجودگي ۽ سهولتن بابت جائزو وٺي معلومات ڏني وڃي، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي وڌيڪ هدايت ڪندي چيو ته مارڪيٽن جو پڻ دورو ڪري روزمره جي استعمال ٿيندڙ کاڌي پيتي جي شين جا اگهه معلوم ڪيا وڃن، مقرر ڪيل اگهن کان وڌيڪ منعافو وٺڻ وارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته اسڪول، اسپتالن سميت مارڪيٽن جي دوري جي حوالي سان روزانو جي بنياد تي رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ٿرپارڪر ۾ جمع ڪرائي وڃي

بقايا سنڌيار 03

فاتح ميراڻي، عبدالغني ڦلپوٽو، صابر حسين مهيسر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا احتجاج ڪندڙ عوامي آواز سان ڳالهائيندي چيو سوئي گئس عملدارن شهر ۾ هٿرادو لوڊشيڊنگ ڪري شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري رڌپچاءَ جي وقت هٿرادو لوڊشيڊنگ ڪري ۽ گئس گهٽائي وڃي ٿي هنن چيو ته سوئي گئس جي اعليٰ عملدارن گيس جو پريشر گهٽ ڪرڻ لاءِ پرائيويٽ ملازم رکيا آهن جيڪو عمل غير قانوني عمل آهي جڏهن ته گئس جي هٿرادو لوڊشيڊنگ سبب اسڪولي ٻار، سرڪاري ملازم نيرن ڪائڻ بغير بڪ تي اسڪول ۽ آفيسن ۾ وڃي رهيا آهن جيڪو برداشت جوڳو عمل ناهي هنن چيو ته جيستائين هٿرادو گيس جي لوڊشيڊنگ ختم نه ڪئي ويندي تيستائين احتجاجي سلسلا جاري رکيا ويندا جنهن جي ذميواري سوئي گيس انتظاميه تي هوندي.

بقايا سنڌيار 04

ڪان وڏي اداري، اڪادمي ادبيات پاڪستان جي پهرين عورت چيئرپرسن، پروفيسر ڊاڪٽر نجيبه عارف، اڪيڊمي جي ڪراچي ۾ قائم سنڌ صوبائي دفتر جي پهنجي دوري دوران سنڌي، اردو ۽ گجراتي زبان جي ناميارن اديبن جي وفد سان هڪ غير رسمي ملاقات ڪئي ۽ ڪراچي دفتر جي سرگرمين کي ٻيهر نئين سر شروع ڪرڻ جي حوالي سان تجويزون ۽ صلاحون گهريون ۽ ساڻن خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ان موقعي تي اردوءَ جي اديبن ۾ ڊاڪٽر فاطمه حسن، پروفيسر رضيه سبحان، ڊاڪٽر نزهت عباسي ۽ رخسانه صباح، سنڌي قلمڪارن ۾ ياسر قاضي، پروفيسر الطاف اثيم، ڊاڪٽر عابد مظهر، اظهر ٻانيڻ، ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ ضيا ابڙو، جڏهن ته گجراتي ٻوليءَ جو معروف اديب ڪتري عصمت علي پٽيل شريڪ ٿيا. ڳالهه ٻولهه ۾ اڪادميءَ پاران رڳو ڪراچيءَ ۾ ئي نه، بلڪ سڄيءَ سنڌ ۾ ادبي سرگرمين ۽ ساهتي تحرڪ شروع ڪرڻ، سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ به قومي سطح جون ڪانفرنسون، 6 وچولي درجي جا سيمينار ۽ 24 جي لڳ ڀڳ ننڍيءَ سطح جون نشستون ڪوٺائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو، جن جي انعقاد لاءِ مختلف ادارن، يونيورسٽين ۽ تنظيمن سان اشتراڪ جي امڪان کي پڻ بحث هيٺ آندو ويو. گڏوگڏ ايندڙ مهيني ڊسمبر ۾ شيخ اياز جي سؤ ساله جنم ڏينهن جي سلسلي ۾ ملهائجندڙ "شيخ اياز جي سال" جي تحت صوبائي سطح تي شيخ اياز ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي پڻ منظوري ڏني وئي.

بقايا سنڌيار 05

ڪري ٻارڙي جا والدين سخت پريشان آهن. جن زخمي ٻارڙي جي صحتيابي لاءِ دعائن جي پڻ اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 06

. مظاهرين چيو ته ڳلاب راڄپر مال چاريندي 11 هزار وولٽيج جي ڪريل تارن ۾ وڄڙي ڪرنٽ لڳڻ سبب ٽڏي تي ئي فوت ٿي ويو هو ۽ تارون زمين کان صرف 3 فوٽ مٿي ۽ ڪرنديون رهنديون آهن جن بابت بار بار سيپڪو اختيارين کي آگاهه ڪيو ويو پر انهن ڪن لاتار ڪئي ۽ لاش ڳوٺ ڪٺائي وڃڻ لاءِ ايمبولينس به نه ملي هئي هينئر پوليس ڪيس به داخل نٿي ڪري جيڪڏهن ڪيس داخل نه ٿيو ته عدليه جو در ڪڙڪايو ويندو

بقايا سنڌيار 07

استاد سانول ميمڻ ۽ سنڌس سئوٽن ڊاڪٽر امداد علي، ارشاد علي، ۽ مشتاق علي ميمڻ سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي. مرحوم غلام عباس سياسي ۽ سماجي خدمتن ۾ سرگرم رهيو پاڻ غريبن جو مددگار ۽ هڏڏوکي رهيو پاڻ هر ڏکئي وقت ۾ ٻين جو پرجهلو ٿي رهيو ڪجهه وقت پهريان سنڌس زير نگراني علائقي واسين لاءِ مفت ايمبولينس سروس هلندي رهي جنهن مان غريب مريضن کي تمام گهڻو فائدو رسيو جڏهن ته ڳوٺ ۾ لڳندڙ مفت ميڊيڪل ڪئمپن، جنرل ڪئمپن ۽ اکين جي ڪئمپن ۾ پڻ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. پاڻ ڪافي عرصي کان شگر ۽ بلڊ پريشر سميت دل جي بيماريءَ ۾ مبتلا هو جيڪو دل جي دوري سبب وفات ڪري ويو

بقايا سنڌيار 08

ڪن ٿا جهڙوجهڙي ننڍي شهر ۾ ايڪسائيز وارين جديد مشينن تي جم اندر نوجوانن کي پنهنجي جسم کي فٽ رکڻ بابت تربيت ڏني وڃي ٿي ان سلسلي ۾ آرمس اسٽرانگ جم جي ٽرينر ۽ مالڪ عبدالرشد بلوچ، نصير علي، منيش ڪمار ۽ ٻين چيو ته اڄڪلهه ٽيڪنالاجي جي دور ۾ اڪثر نوجوان ۽ وڏي ڄمار جي ماڻهن پنهنجي صحت طرف ڌيان ڏيڻ ڇڏي ڏنو آهي شهرن ۾ اڪثر ڪري ماڻهو هوٽلن تي فضول ويهي وقت وڃائن ٿا ۽ فاسٽ فوڊ جي استعمال سبب ماڻهن جو وزن وڌي وڃي ٿو جڏهن ته ڪافي نوجوان نشي طرف به وڃي رهيا آهن انهن شين کي ڏسي اسان جهڏوجي نوجوانن لاءِ هي جم کوليو آهي جيڪو شهر ۾ ست سالن کان هلي رهيو آهي جنهن ۾ شهر جا ڪيترائي نوجوان روزانو جي بنياد تي ايڪسائيز ڪرڻ اچن ٿا ۽ پنهنجي جسم کي فٽ رکڻ لاءِ ڪسرت ڪن ٿا هنن چيو ته اسان جي جم جي نوجوانن جي دلچسپي جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته تازو ٿيل ڊسٽرڪٽ ليول جي مقابلي ۾ آرمس اسٽرانگ جم جهڏو جي ٻن نوجوانن منيش ڪمار، محمد رضا قائم خاني پوزيشن حاصل ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي جيڪو اسان لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي عبدل رشيد بلوچ چيو ته اسان جي جم ۾ فٽنيس، ويٽ لاس، ويٽ گين ڪرڻ لاءِ مختلف ايڪسائيز ڪرايون وڃن ٿيون هن شهر جي ماڻهن ۽ خاص طور نوجوانن کي پيغام ڏيندي چيو ته جم جوائن ڪري پنهنجي جسم کي فٽ رکي هڪ ڪامياب صحت مند زندگي گذاري سگهجي ٿي.

بقايا سنڌيار 09

تماشائي بڻيل آهن . اڳواڻ تفصيل موجب وحدت المسلمين خانپور طرفان فلسطين جي بي گناهه قتل ٿي ويل سان اظهار همدردي ۽ اسرائيل جي ظلم ۽ بربريت خلاف حسيني مسجد ڪان احتجاجي ريلي پريس ڪلب پهتي جتي اسرائيل جي جهنڊي کي باهه ڏئي ساڙي اسرائيل سان نفرت جو اظهار ڪيو ويو. احتجاجي ريلي ۾ مجلس وحدت المسلمين ضلع شڪارپور جي صدر زوار اصغر علي سيٺار خصوصي شرڪت ڪئي جتي ڳالهائيندي هن جو چوڻ هو ته اسرائيل مظلوم فلسطيني مسلمانن جي مٿان ظلم جا پهاڙ ڪيري رهيو آهي جنهن ۾ آمريڪا اسرائيل جو ساٿي بڻيل آهي مظلوم فلسطينين جي ٻارڙن جا لاشن جا ٽڪرا ڪيا وڃن ٿا پر مسلمان ملڪن سعودي عرب سميت سوين مسلمان ملڪن خاموش آهن. مظلوم فلسطينين جي مٿان ظلم وڌندو رهي ٿو پاڪستان سميت سموري دنيا جي مسلمانن کي فلسطين جي حمايت ۾ تڪري اسرائيل جي خلاف بيهڻو پوندو ٻئي صورت ۾ سڀني مسلمان ملڪن کي نشانو بڻايو ويندو . احتجاجي ريلي ۾ مولوي اويس احمد چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته سعودي عرب هڪ عرب ملڪ آهي فلسطيني به عرب آهن پر عرب ملڪن جي خاموشي سبب فلسطين جي مظلوم فلسطينين مسلمانن مٿان اسرائيل بمباري ڪري غزه کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي پاڪستان سميت مسلمان ملڪن کي غيرت جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ۽ اسرائيل جي خلاف کلي جهاد ڪرڻ گهرجي ۽ بيت المقدس قبله اول کي آزاد ڪرائڻ گهرجي، ريلي ۾ مجلس وحدت المسلمين تعلقه خانپور جي اڳواڻ طاهر سيٺار، ايوب آغاڻي، زوار عبدالغفور، قربان شاهه ڪاظمي، رياض آغاڻي، زيد علي شاهه، ڪامران بلوچ، ياسين ابڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ آخر ۾ فلسطين جي مسلمانن جي لاءِ دعا خير گهري وئي

بقايا سنڌيار 10

خلاف احتجاج خبر موجب خانپور پرسان فيضو ٿاٽي جي حد ڳوٺ قادر بخش بنگلاڻي جي رهواسي فيض محمد بنگلاڻي خانپور پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان رات جو پنهنجي گهر ستو پيو هوس ته ٻاهر ڪجهه آواز ٻڌڻ ۾ آيا جڏهن گهر کان ٻاهر نڪتس ته ڪجهه ماڻهو منهنجي گهر ٻاهران بيٺا هئا جنڪي هٿن ۾ چوري وارا اوزار رنبو ۽ هٿيار هئا مون پڇا ڪئي ته ڇو بيٺا آهيو ته اهي ڇوڻ لڳا اسان پنهنجي ڪم سان بيٺا آهيون مان گهر ويس صبح جو اٿيس ته منهنجي گهر مان منهنجو رڪشو چوري ٿيل هو مان ڪجهه ماڻهو ولي رات جو منهنجي گهر ٻاهران بيٺل ماڻهن ڏانهن ويس ته رات توهان منهنجي گهر ٻاهران بيٺا هئا ۽ منهنجي چوري ٿيل آهي جنهن تي اهي مونسا وڙهي پيا مونکي ڌڪ هٿي پڇي ويا مان فيضو ٿاٽي تي ٿالي وار جوابدار عزيز احمد ڀهوڙ نجيب ڀهوڙ ۽ راجا ڀهوڙ خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي مان غريب ماڻهو آهيان رڪشو هلائي پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ پاليندو آهيان مٿين جوابدارن منهنجو رات رڪشو چوري ڪيو آهي انهن خلاف ايڪشن ڪٺو پوليس اين سي داخل ڪري جاچ جو چيو آهي منهنجي چوري ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿي ڪري هن وڌيڪ چيو ته منهنجي اڳ به ڪيترائي ڀيرا چوري ٿي آهي مان اعليٰ اختيارن ايس ايس پي شڪارپور کان مطالبو ٿو ڪيان ته منهجي چوري ۾ ملوث ڀهوڙ برادري جا چور گرفتار ڪيا وڃن ۽ مونسان انصاف ڪيو وڃي، مان پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏيندس

بقايا سنڌيار 11

ڳوٺ غلام شاهه جا رهواسي 55 سالا اياز علي مشوري، محسن مشوري،نثار علي مشوري سخت زخمي ٿي جن کي سول اسپتال آندو ويو جڏهن ته اياز علي مشوري جي نازڪ حالت ٻڌائي وئي ۽ ٽنهي زخمين کي نواب شاهه ريفر ڪيو ويو وارثن جو چوڻ آهي ته ٽن ڪلاڪن ڪان سول اسپتال ۾ مريض تڙپندا رهيا مگر اسپتال ۾ ڪوبه اعلاج نه ٿيو نه وري ڪا دوا ڏني وئي ٽن ڪلاڪن بعد ڏانهون ۽ احتجاج ڪرڻ بعد سرڪاري ايمبولينس ڏنيون ويون ۽ بعد ۾ زخمين کي نوابشاهه ڪٺائي ويا ٻئي طرف ايم ايس ڊاڪٽر خادم حسين مگريو ٻڌايو ته اسان ڪوشش ڪري زخمين کي فسٽريٽمينٽ ڏيڻ بعد سرڪاري ايمبولينس ڏئي نواب شاهه ريفر ڪيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 12

جي رهائشگاهه تي پهچي سنڌس جي عيادت ڪئي . ان موقعي تي سيڪريٽري بلاول پٽي، خازن نعيم غوري ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ياد رهي ته ايسوسي ايشن جي سينيئر نائب صدر اشفاق ڪوسو جو ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي سرڪاري اسپتال ۾ آپريشن ٿيو هو، آپريشن ڪامياب هو ڪالهه پنهنجي گهر پهتو هو، جنهن بعد سول سوسائٽي مت مائٽن سميت مذهبي جماعتن جي اڳواڻن ۽ ڪاروباري برادري جي اڳواڻن سنڌس عيادت ڪئي.

بقايا سنڌيار 13

ورثو آهي، مقتول نوجوان رياض ملاح جي پيءُ نور محمد ملاح چيو ته ساڻن وڏو ظلم ٿيو آهي، پر هڪ جوابدار اڃان تائين گرفتار ٿي ناهي سگهيو. ايس ايس پي ٺٽو پاران ٻه 2 ڏينهن اندر سمورا جوابدار گرفتار ڪرڻ جي ڪين خاطري ڪرائي ويئي هئي، جنهن تي ٻه پوليس عمل ناهي ڪيو. هن ايس ايس پي ٺٽو کان گهر ڪئي ته رهيل آخري جوابدار غلام حسين ڪنڀار کي گرفتار ڪري سمورن جوابدارن کي سخت سزائون ڏياري سنڌس پٽ جي خون سان انصاف ڪرايو وڃي، ٻئي صورت ۾ پٽ جي رهيل قاتل جوابدار جي گرفتاري تائين سنڌن احتجاج جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 14

ٽيمون قومي فرض سمجهي پنهنجي ڊيوٽي ادا ڪن ته جيئن پوليو مهم جا مقرر ڪيل ٽارگيٽ حاصل ڪري سگهجن ڪمشنر وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ پوليو وائرس جي موجودگي ٻارن جي صحت لاءِ خطري کان گهٽ نه آهي انهي لاءِ صحت کاتي سان گڏ ٻيا لاڳاپيل ادارا ۽ سماجي تنظيمون پوليو جي خاتمي لاءِ ڀرپور ڪوششون وٺن ته جيئن موذي مرض جي پاڙ پٽي مستقبل جي معمارن کي سموري زندگي جي معذوري کان بچائي سگهجي ڪمشنر صحت کاتي جي عملدارن تي زور ڀريو ته هو پوليو مهم دوران لاڳاپيل کاتن سان بهتر رابطي قائم ڪرڻ سان گڏ پوليو ٽيمن جي سٺي تربيت ۽ بهتر مائڪرو پلان تيار ڪن ته جيئن پوليو ٽيمون آساني سان ٽارگيٽ حاصل ڪري سگهن هن وڌيڪ چيو ته حفاظتي ٽڪن واري پروگرام تي پڻ خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ ريفيوزل ڪميٽين کي وڌيڪ فعال ڪري سڀئي ريفيوزل ڪوور ڪيا وڃن ڪمشنر سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته ايندڙ پوليو خلاف قومي مهم جي نگراني ۽ مهم دوران شام جي وقت منعقد ٿيندڙ اجلاسن ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ قدم کڻن ڪمشنر پوليس کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته پوليو خلاف مهم دوران ٽرانزٽ پوائنٽ ٽيمن سان گڏ پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪري ڪين پابند ڪيو وڃي ته ايندڙ ويندڙ گاڏين کي روڪين ته جيئن انهن گاڏين ۾ موجود پنج سال تائين عمر جي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري سگهجن ان موقعي تي اجلاس کي آگاهي ڏيندي ڊبليو ايڇ او شهيد بينظيرآباد ڊويزن جي ايريا ڪوارڊينيٽر ڊاڪٽر جهانگير ڪورائي ٻڌايو ته شهيد بينظيرآباد ڊويزن ۾ 27 نومبر کان 3 ڊسمبر تائين 7 ڏينهن واري پوليو خلاف قومي مهم منعقد ٿي رهي آهي جنهن ۾ ڊويزن جي 11 لک 49 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويندا ان مقصد لاءِ 3 هزار 131 موبائل، 234 فڪس، 140 ٽرانزٽ ٽيمون مقرر ڪرڻ سميت مائڪرو پلان جي تياري، ٽيمن جي تربيت، سميت ٻيا ضروري انتظام مڪمل ڪيا پيا وڃن اجلاس ۾ ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن ۽ صحت کاتي جي عملدارن پوليو خلاف گذريل مهم دوران حاصل ڪيل ٽارگيٽن ۽ ايندڙ مهم جي سلسلي ۾ ڪيل انتظامن بابت تفصيلي آگاهي ڏني اجلاس ۾ ايڊيشنل ڪمشنر ٽو شهيد بينظيرآباد احمد علي سومرو، ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ عمران الحسن خواجه، ڊپٽي ڪمشنر نوشهرو فيروز ارسلان سليم، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد دلشاد احمد عمراڻي، ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر غلام مصطفي انفارميشن آفيسر شير محمد جمالي سميت ٽنهي ضلعن جي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسرن، تعليم، بي بي ايڇ آئي، پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 15

ڊاچ ڪر ملازمن جا مسئلا ٻڌا ۽ ملازمن جا سمورا جائز مسئلا حل ڪرائڻ سان گڏ ملازمن کي جلد پگهار ڏيارڻ جو واعدو به ڪيو ملازمن کي هڙتال ختم ڪرائي ملازمن کي يقين ڏيارو ته اڪاؤنٽس جو ٽيڪنيڪل مسعلو ٽيو ٽاؤن ڪاميٽي مان ميونسپل ڪاميٽي ٿيڻ ڪري سنڌ بينڪ ۾ فنڊ مان ٽرانسفر ليٽر جاري ڪرائي ملازمن کي جلد کان جلد پگهارون ڏياريون وينديون ان موقعي تي يونين اڳواڻ ملازمن اڪر ڪاشف مصطفه مه صاحب جه تن ڏهاڻ ڪراڻ ته ملازمن هڙتال ختم ڪئي ۽ صبح جو سمورا ملازم پنهنجي ڪم جاري ڪندا

بقايا سنڌيار 16

ويو. ان موقعي تي ايس يو پي ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن محمدحسن برهماڻي عبدالڪريم غلام حسين برهماڻي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نڪرجي فارم ڪان ستر موري روڊ جو ٺيڪيدار ڏيڊ سال ڪان غائب آهي، اڃان تائين ٺيڪيدار روڊ جو ڪارپيٽ ناهي ڪرايو جنهن سبب روڊ ٻيهر هنڌان هنڌان اکڙي ۽ ٽٽي رهيو آهي، روڊ جو مڪمل ڪم نه ٿيڻ ڪري روڊ کي ڪڏا پئجي ويا آهن جنهن جي ڪري روڊ تي هلندڙ ٽرانسپورٽر ۽ علائقي واسي سخت پريشان آهن . هنن ڊي سي ٽنڊو محمدخان ۽ نگران سي ايم سنڌ سميت اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته جلد کان جلد نڪرجي فارم ڪان آبادگار شگرمل تو ستر موري روڊ جو رهيل ڪارپيٽ وارو ڪم مڪمل ڪرايو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 17

تفصيل موجب .سکر جي گورمينٽ جي مولاٽي شيدائي بوائز اسڪول ۾ بلڊنگس مان نڪتل لوهه گيڊر، ٽئير، سريئو ۽ ٻگل ٽٽل فرنيچر کي غير قانوني طريقي سان ڪريشن ڪرڻ لاءِ ٽينڊر ڪرائي آڪشن ڪرڻ بدران تعليم کاتي سکر جي ڊي او سيد صفدر علي شاهه پاران ليٽر لکي هيڊ ماستر تاج محمد چنو کي چوٽ ڏني آهي ته سرڪاري اسڪول جو لوهه جيڪو قيمتي آهي ان کي ڪنهن ڪٻاڙي وٽ وڪرو ڪيو وڃي زريعن جي ڄاڻ موجب اهو لوهه ڪٻاڙي کي وڪرو ڪرڻ بدران پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ اهو هربو استعمال ڪري سرڪاري خزاني ۾ چند رپيا ڊيڪاريا ويندا جيڪو سرڪاري خزاني کي لکين رپين جو نقصان ٿيندو اهڙي غير قانوني لوهه وڪرو ڪرڻ واري تعليم کاتي جي لکيل ليٽر کي سماجي سڄاڻ ڌرين پاران رد ڪندي چيو آهي ته سرڪاري اسڪول جو لوهه جو قانوني طريقي سان ٽينڊر ڪرائي آڪشن ڪرايو وڃي جيڪا رقم آڪشن ۾ ٿئي اها رقم سرڪاري اسڪول تي خرچ ڪئي وڃي جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته عدالت جو در ڪڙڪائيندا ايجوڪيشن منسٽر ڊي جي نيب سکر ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن سنڌ ۽ ٻين بالا آفيسرن کان انهن ڪرپٽ ملازم آفيسرن ۽ انهن جي فرنٽ مينن جي خلاف جاچ ڪري قانوني ڪاروائي ڪري ڪيس داخل ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 18

ڪامريڊ قاضي امداد، سابق صدر سنڌ هاري ڪاميٽي، ڪامريڊ ڳلاب پيرزادو، ڪميونسٽ پارٽي صوبائي صدر ڪامريڊ اقبال، سنڌ هاري ڪاميٽي صوبائي صدر مير منور ٽالپر، ضلعي صدر عاجز ماڇي، ضلعي جنرل سيڪريٽري غلام حسين مڱول، تعليمدان لياقت علي ميراڻي، قاضي عقيل احمد، سگهڙ غلام مگريو، علي گوهر خاصخيلي، زار يونين صدر محب جلباڻي، سجل شيخ، سيد جمن شاهه، غلام شبير ابڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ قاضي امداد، سابق صدر سنڌ هاري ڪاميٽي، ڪامريڊ ڳلاب پيرزادو، ڪميونسٽ پارٽي صوبائي صدر ڪامريڊ اقبال، سنڌ هاري ڪاميٽي صوبائي صدر مير منور ٽالپر، عبدالڪريم مگريو لياقت علي ميراڻي، ضلعي صدر عاجز ماڇي، ضلعي جنرل سيڪريٽري غلام حسين مڱول خطاب ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي 40 لک زمين کي وڪرو ڪيو ويو آهي، پيپلزپارٽي وارن سنڌ کي برباد ڪري ڇڏيو آهي، مراد علي شاهه چٽي رهيو آهي ته اسان موڪل تي ويا آهيون اسان انهن خلاف جدوجهد ڪندا رهنداسين. هنن چيو ته هاري ڪاميٽي هميشه غريب مسڪين ماڻهن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي قرباني ڏيندي رهي آهي، سنڌ جي وڏيرن کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته هاڻي سنڌ جو عوام اڪيلو ناهي هاري ڪاميٽي حيدر بخش جتوئي جي روپ ۾ به مظلوم غريب عوام سان گڏ هٿي هاڻي به گڏ آهي. هنن چيو ته 1917 ۾ انقلاب آيو هوان ۾ باشعور ماڻهن به انقلاب آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پنهنجي نوڪري ڇڏي سنڌ هاري ڪاميٽي جو بنياد رکيو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ريل گاڏيءَ ۾ ٻيهي هارين کي پنهنجي حقن لاءِ آگاهي ڏيندو رهيو ۽ ڳوٺن ۾ به هارين کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو. هنن چيو ته سنڌ هارين، مزدورن، پورهيتن جي آهي، سنڌ ميرن پيرن وڏيرن جي ناهي، هنن چيو ته 1990 کان پهرين جيڪي روڊ رستا ٺهيل هئا، اسڪول ۾ بهترين تعليم ملي رهي هئي، سرڪاري اسپتال ۾ بهتر کان بهتر علاج ڪيا ويندا هئا هن وقت سنڌ جا اسڪول برباد لڳايا پيا آهن. شاگردن کي ڪا به سهولت ناهي ملي اسڪول ويران لڳا پيا آهن. سرڪاري اسپتال ۾ غريب مسڪين، پورهيت ۽ مزدورن جي لاءِ علاج جي ڪا به سهولت ناهي. سنڌ جي وڏيرن سنڌ کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. هنن چيو ته ماضي ۾ مزدورن کي بهترين سهولتون ملنديون هيون هاڻي مزدورن کي ڪا به سهولت ناهي، هي وقت ويهڻ جو ناهي وڏيرن، جاگيردارن، سردارن، ميرن پيرن خلاف جدوجهد ڪرڻ جو وقت آهي، هنن چيو ته خاموشي اختيار ڪنداسين ته اسان جا نسل هزارين سالن تائين پوئتي هليا ويندا ۽ انهن کي حق نه ملندا. هوڏانهن ڪانفرنس کان بعد ۾ مگريا شادي هال کان ڏوڪري پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي.

بقايا سنڌيار 19

ڪاشف لغاري نظير احمد ۽ عاشق لغاري شامل آهن جڏهن ته زخمي ڊرائيور ڪاشف لغاري کي اعلاج لاءِ اسپتال نيو ويو نقصان جو اندازو لکين روپيا ٻڌايو پيو وڃي ياد رهي ته ڳلاب لغاري ڪان صابن دستي ڏانهن ويندڙ مين روڊ جي مراد ڊسٽري جي پل ڪرڻ بعد ڳوٺاڻن طرفان آمدرفت لاءِ متبادل رستو اختيار ڪيو پيو وڃي جنهن جي حالت پڻ خراب هئڻ ڪري حادثن جو ٿيڻ معمول بڻجي ويو آهي

بقايا سنڌيار 20

من پسند آڊيٽرن تي لاڳاپيل کاتي جي ڪامورن جو آشيرواد مليل انهن تي مهربان بڻيل ڪجهه کاتن کان خزانو آفيس ڊنل خوف کان اهي رشوت واري ڪميشن کان آجاتيزري آفيس سکر رشوت جو ڳڙ بڻجڻ سبب نائب قاصد پٽيوالا سوپير ڪڪ پتي مان لک پتي بڻجي ويا پنجاهه لکن جي رقم واريون مهانگيون ترين گاڏيون خريد ڪن ٿا جيڪي ڪڪ پتي مان لک پتي بڻجي ويا آهن تفصيلات جي مطابق خزاني آفيس سکر ۾ ڪرپشن عروج تي تيزري ڪرپشن جو ڳڙ بڻجي وئي ڪجهه نا اهل آڊيٽرن کي نالي ماتحت کاتا ڏئي انهن آڊيٽرن جو ڪم نائب قاصد. پٽيوالا. چوڪيدار. سوئيپر. ڊرائيور. هلائڻ لڳا من پسند آڊيٽرن تي لاڳاپيل کاتي جي ڪامورن جو آشيرواد مليل انهن تي مهربان بڻيل ڪجهه کاتن کان خزانو آفيس ڊنل خوف کان اهي رشوت واري ڪميشن کان آجا جن ۾ عدالتون. اينٽي ڪرپشن. نيب. محتسب اعلا. سي ٽي ڊي روينيو. شامل باقي صوبائي کاتن جي ٽنڊن ملازمن جي مرڻ توڙي جيئري رهڻ جي مراعتن تي رشوت جا ريٽ رکيل آهن تيزري آفيس سکر رشوت جو ڳڙ بڻجڻ سبب نائب قاصد پٽيوالا سوپير ڪڪ پتي مان لک پتي بڻجي ويا پنجاهه لکن جي رقم واريون مهانگيون ترين گاڏيون خريد ڪن ٿا جيڪي ڪڪ پتي مان لک پتي بڻجي ويا آهن تيزري آفيس جا ڪامورا شاهي صوبائي کاتن جي ڪنسلٽ هيڊ ڪلارڪن جي زريعي رشوت جي ڊيل ڪري رهيا آهن ڪجهه ايجنٽن جي معرفت ڊيل ڪن ٿا ڪجهه آفيسر سڌي ڊيل ڪرڻ جو مبينا انڪشاف ٿيو آهي عام ماڻهن کان ڪو به فائيل نٿو ورتو وڃي آڏو جواب ڏئي ڪنسلٽ هيڊ ڪلارڪ فائيل کٽي اچي اهوجواب ڏئي ان کي واپس موٽايو وڃي ٿو اهي ڊريڊري جو شڪار رهن ٿا پري پري کان ايندڙ ملازم پنهنجو پئسو پاڻ جيئري نٿا وٺي سگهن پنڌ ڪري ٿڪجي پون ملازم نوڪري تي پرتي ٿيڻ ڪان انهن کي آخري ساهه جي گهڙي تائين تيزري کي رشوت جي رقم ادا ڪرڻي پوي ٿي رشوت نه ڏيندڙ رولڙي جو شڪار آهن آفيسرن کي ڪامورن جي پڪن ۾ آهن رشوت ڏيندڙن کي آفيسن اندر گهرايو وڃي ٿو خاطر خواهه بعد جائز توڙي ناجائز ڪم ڪيا وڃن ٿا انهن کي اهو به چيو وڃي ٿو ته توهان جي عزت اسان ان ڪري ناهيون ڪندا جو توهان ٻين کي ڪم ڏيو ٿا هاڻي انهن کي ڪم نه چئو اسان توهان جو ڪم ڪندا سون جيئن اوهان چوندئو تئين ٿيندو توهان جي اسان وٽ عزت آهي پر ڪرپشن کي روڪڻ واري کاتن کي خزاني آفيس جي رشوت خورن وات تي لغام ڏئي ڇڏيو آهي انهن رشوت وٺندڙ خلاف ڪاروائي تڏهن نه ٿي ٿئي ته فنانس کاتو توڙي ڪرپشن کي روڪڻ وارا ادارا مبينا ڀاڱي ڀائيوار آهن سماجي اڳواڻن تشويش جو اظهار ڪندي فنانس منسٽر ڊي جي نيب سکر ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن سنڌ ۽ ٻين بالا آفيسرن کان انهن ڪرپٽ ملازم آفيسرن ۽ انهن جي فرنٽ مينن جي خلاف جاچ ڪري قانوني ڪاوائي ڪري ڪيس ديخل ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 21

جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، ٽينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، جڏهن ته علائقي ۾ پڻ سوگ واري صورتحال ڇانيل آهي، هوڏانهن سخي ڏاتار پارڙاسنگت سند جي صدرشاهه خالدڏاتاري گهري ڏک جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 22

مختلف رهائشي ۽ ڪمرشل روڊن سميت شهر جي اهم ۽ مصروف روڊن تي ترقياتي ڪمن جي ٽالي تي وڏي پشماني تي ناهيل روڊن کي داهڻ ڪانپوءِ ترقياتي ڪمن ۽ سرڪاري خزاني کي تباهه ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. شهر جي مختلف علائقن ۾ روڊن جي ڪوٽائي ۽ ملبو روڊن تي اڇلايو پيو وڃي. جنهن سبب علائقي جي رهواسين سميت مسافر گاڏين کي آمد و رفت ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. پر انتظاميه ڪو به ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. روڊ تي پيل ملبي سبب شهرين کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو. سکر انتظاميه سميت شهرين چيف جسٽس آف پاڪستان، سنڌ جي وڏي وزير، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 23

مولانا ڪفايت حسين ڪريمي، ڊويزن جي صدر زوار محمد حسين چانڊيو، مولانا محمد عالم مري، غلام عباس سيال، معشوق علي شاهه، جعفر علي شاهه، آصف حسين الحسيني منثار جمالي ۽ ٻين جي خطاب ڪندي چيو ته غاصب ظالم اسرائيل مظلوم فلسطينين جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي، اقوام متحده سميت انساني حقن جون تنظيمون خاموش تماشائي بڻيل آهن. اسلامي ملڪ آمريڪا ۽ اسرائيل جا ايجنٽ بڻجي ويا آهن. اسرائيل آمريڪا جي سرپرستي ۾ مظلوم فلسطينين تي ڪيميائي بم اڇلائي رهيو آهي، اسلامي ملڪن جي تيل تي اسرائيلي جهاز بمباري ڪري رهيا آهن. مسلمان حڪمرانن جي غيرت مري وئي آهي، ظالم دهشتگرد تڪفيري گروهه اسرائيل جي ظلم تي خاموش تماشائي بڻيل آهن. تڪفيري گرب مسلمانن خلاف ناهيا ويا آهن ل مظاهرين اسلامي ملڪن کان مطالبو ڪيو ته اسرائيل کي فورن تيل ڏيڻ بند ڪيو وڃي، اسرايبل جي سامان جو سرڪاري طور تي بائيڪاٽ ڪيو وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته اسرائيل کي تيل جي فراهمي بند ڪئي وڃي جن ملڪن جا اسرائيل سان لاڳاپا آهن. اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا ختم ڪري اسلامي غيرت جي ٽالي تي اسرائيل خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. ان موقعي تي آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 24

جا ٻارڙا تعليم پرائي سگهن ان موقعي تي ٽرڊيپ جي پروگرام آفيسر اوم پرڪاش چيو ته ٽرڊيپ پاران هن اسڪول لاءِ سولر سسٽم منظور ڪيو ويو آهي جيڪو تمام جلد لڳايو ويندو ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو ڊاڪٽر سومار ڪوسو جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته ڊاڪٽر سومار ڪوسو پاران جي ڳوٺ جي ٻارڙن جي تعليم لاءِ ڪوششون ڏسي خوشي ٿي آهي ضلعي انتظاميه پڻ پنهنجو تعاون جاري رکندي دوري وقت ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 25

پتافي ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو ته ست سال اڳ اسانجي برادري جي هڪ ڌر اسان مٿان ڪارنهن جو ڪوڙو الزام لڳايو هو جنهن ڪارنهن الزام کي ان وقت ٿيل فيصلي ۾ ڪوڙو قرار ڏنو ويو هو وري ساڳئي ڌر جي ماڻهن ڪجهه ڏينهن اڳ ڪوڙي ڪارنهن الزام تان اسان جي گهرن مٿان حملو ڪري فائرنگ ڪري ڏني هئي جنهن فائرنگ ۾ گولين لڳڻ سبب اسان جو نوجوان برڪت پتافي سخت زخمي ٿي پيو هيو جيڪو هينئر مرٽينگ حالت ۾ سکر اسپتال داخل آهي هنن چيو ته جنهن واقعي جو ڪيس مبارڪپور ٿاڻي تي اسلم پتافي حميد پتافي عثمان پتافي ۽ زبير پتافي سميت 6 جوابدارن مٿان داخل ڪرايو هو پر هن وقت تائين پوليس قاتلاڻي حملي ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ڪري سگهي آهي هنن احتجاج ڪندي ايس ايس پي سکر ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي انصاف مهيا ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 26

سان گڏري ٿي جڏهن ته ون ويلنگ پڻ هر جمعي تي ٿيندي رهي ٿي جنهن ۾ وڏيون شرطون جوا شامل هوندي آهي ان دوران جيڪو ڪريو اهو يا اسپتال پيڙو يا وري قبرستان پي طرف بدين ستي ۾ ڪافي جاين تي نجي توڙي سرڪاري اسڪول مين روڊن تي آهن جنهن ۾ اسلاميه ڪالج پرسان پيپلز اسڪول، پروگريسو اسڪول، رحيم پبلڪ اسڪول، ماروي ڪاليج اهڙا ڪوڙ اسڪول آهن جتي اسڪول جي موڪل ٿيڻ وقت وڏي رش ٿيندي آهي معصوم ٻارن جا پڻ رڪشا موٽر سائيڪلن سان ڪوڙ ايڪسيڊنٽ ٿي چڪا آهن اهڙي طرح ڪوسڪي روڊ تي پڻ آرمي پبلڪ اسڪول آهي جنهن جي انتظاميه احتياط کي مد نظر رکندي اسڪول جي مين روڊ تي ٻه اسپيڊ بريڪر ٺهرايا آهن اهڙي طرح ستي جي اسڪولن اڳيان پڻ اسپيڊ بريڪر هئڻ گهرجن ڊي سي بدين کي شهرين پاران اپيل آهي ته انساني جانين جي تحفظ ڏيارڻ لاءِ اسپيڊ بريڪرن لاءِ حڪم جاري ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 27

سان ظلم ڪيو پيو وڃي، هڪ ته ڀاڻ بليڪ تي وڪرو ڪيو پيو وڃي، پيو وري نقلي ڀاڻ وڪرو ڪيو پيو محرابپور جي هڪ ڊيلر لکين پوريون گڏ ڪري رکيون آهن، جيڪو بليڪ تي وڪرو ڪري رهيو آهي هن ڪمشنر شهيد بينظير آباد، ڊي سي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته ضلعي ۾ آبادگارن جي ظلم جو نوٽيس وٺي ڀاڻ جو بليڪ تي وڪرو بند ڪرائي ٻئي صورت ۾ خميس جي ڏينهن محرابپور ۾ ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 28

۽ سندن مسئلن کي ترجيهي بنيادن تي حل آهي هن چيو ته مان پنهنجي وڏ وزارت جي دور ۾ پوري سنڌ ۽ خاص ڪري پوئتي پيل علائقي ٿر ۾ صحت جو سهولتون ڏنيون ۽ هڪ جهڙائي جي بنياد تي هرضلعي جي عوام کي روڊ رستا ۽ بجلي جهڙيون سهولتون ڏئي ڪين خوشحالي طرف آندو هن چيو ته پيپلزپارٽي جڏهن به اقتدار ۾ آئي آهي ته غريب ماڻهن کي روزگار ڏيڻ لاءِ وسان ناهي گهٽايو ته تاريخ گواهه آهي ته جيڪي ٻيون حڪومتون آيون انهن سنڌ جي معدني وسيلن مان پيدا ٿيندڙ آمدني سنڌ کي صحيح نموني نه ٿي ڏني وڃي هن چيو ته صدر آصف علي زرداري جڏهن صدر پاڪستان جي عهدي تي فائض هيو ته هن 18 ترميم ڏئي صوبن کي خود مختيار بڻايو هن چيو ته صدر آصف علي خان زرداري ملڪ ڏاهو سياستدان آهي ان ڪري سنڌس سرواڻي ۾ ملڪ خوشحالي ماڻيندو جڏهن ته ساڳي ريت اسان جو نوجوان قائد بلاول ڀٽو رزداري به رات ڏينهن پوري ملڪ ۾ عوامي رابطا تيز ڪري ڇڏيا آهن ۽ سند هر هنڌي تاريخي استقبال ڪري عوام کيس ملڪ جو وزيراعظم تسليم ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 29

اسان جا هتي چونڊيل نمائيندا ايم پي اي ايم اين اي ۽ ڊي سي فور طور نوٽيس وٺن انهن سان ڪاروائي ڪئي وڃي، اسان رهيل پگهار جو چئون ٿا ته بليڪ لسٽ ڪري نوڪري مان فارق ڪيو ٿو وڃي هٽي جي ٽر جي ليبر کان اوور ٽائيم ڪرائي انهن کي اوور ٽائيم به نٿو ڏنو وڃي اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 30

جو شڪار بڻجي رهي آهي، پر نگران حڪومت مهنگائي تي ڪنٽرول ڪري ناهي سگهي، اهڙي مهنگائي واري صورتحال رهي ته غريب ماڻهون بکن وگهي مري ويندا، هن اهي ڳالهيون ڪينجهر هائوس مڪلي تي ملاح اڳواڻ ڊاڪٽر آدم گندرو سان ملاقات ڪري مختلف معاملن تي غور ويچار ڪرڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي ڪيون. وڏيرو رسول بخش جاکرو وڌيڪ چيو اسان جي ڪوشش آهي هتان جي عوام کي پيئڻ جي صاف پاڻي، صحت، تعليم، روزگار سميت سمورين بنيادي سهولتون ملڻ گهرجن، جيڪو انهن جو حق پڻ آهي. هن چيو ميرپور ساڪرو تڪ کي ختم ڪري اتان جي ووٽرن سان وڏي ناانصافي ڪئي ويئي آهي ٻئي طرف نئين تڪبندين ۾ يوسي جهمپير جا ڪاني ڳوٺ يوسي جنگهڙي ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جيڪا ڪوهستان واسين سان وڏي ناانصافي آهي، ضلعي ڪائونسل ٺٽو جي ميمبر وڏيرو رسول بخش جاکرو نگران حڪومت جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو فورن مهنگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي سمورين گهربل بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ سميت ڪوهستاني ڳوٺ پڪا ڪري ختم ڪيل ميرپور ساڪرو تڪ کي بحال ڪري عوام کي پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 31

گهرن ۾ رکيل ڪاڏي پيتي جو سامان، اناج سميت هنڌ بسترا، بيٽريون، مڇي مارڻ جا لکين روپين جا ڄار (ڄر) سڙي رک جو ڍير بڻجڻ سان گڏ ڳوٺاڻن کي اين جي طرفان مليل هڪ مينهن سڙي مري وڃڻ سميت 15 مهينن جي ننڍڙي حاجران ڏي سڪندر جو به باهه سبب چهرو سڙي ويو آهي، باهه سبب سڙي ويل گهرن ۾ لياقت ملاح، نوراحمد ملاح، بشير ملاح، اشرف ملاح، غلام نبي ملاح، مير محمد ملاح، لائق ملاح، سڪندر، اڪبر، رمضان، رزاق، نظير ملاح ۽ الطاف ۽ ٻين جا گهر شامل آهن، جيڪي الهه تله سميت سڙي رک ٿي ويا آهن. پر انتظاميه باهه متاثرين جي ڪا واهر ناهي ڪئي، باهه متاثرين پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي وڏين ڪوششن بعد ڪنٽرول ڪيو. پر تيستائين باهه سمورن گهرن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري باهه متاثرين کي وڏو نقصان پهتو آهي. جيڪي هن سردي جي موسم ۾ کليل آسمان هيٺ بي يارو مدد گار ويٺل آهن. جن جي ڪير ۽ پوڇيواري ڪرڻ وارو ناهي، باهه متاثرين ڊي سي ٺٽو سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته سندن دل کرلي مدد ڪري ٿيل نقصان جو ازالو ڪرائي ڪين اجها اڏائي ڏنا وڃن. جيئن هو ٻچن کي سردي کان بچائي سگهن.

بقايا سنڌيار 32

تعلقي اندر نقلي ڪاروبار عروج تي پهچي ويو آهي شهر جي وڏن ڊيلرن پنهنجي گدامن ۾ مشينون گهرائي مبينه هڪ ڪمپني جي ڀاڻ کي ٻئي ڪمپني ۾ تبديل ڪرڻ جو انڪشاف ٿيڻ واري اطلاع تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنديارو رضا محمد شر شهر جي ڪورٽ روڊ تي واقع عرفان قريشي جي گودامن تي ڇاپو هڻي گودام سيل ڪري ڇڏيو اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊيارو موجب ته مذڪوره ڊيلر سرسبز يوريا کي اينگرو يوريا ۾ تبديل ڪري رهيو هيو جنهن تي ڪارروائي ڪئي وئي آهي اي سي ڪنڊيارو موجب ته هڪ ڳجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪري سندس گودامن کي سيل ڪيو ويو آهي ۽ سندس خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس داخل ڪرايو ويندو واضح رهي ته اي سي ڪنڊيارو شهر ۾ ڀاڻ جي وڪرو تي روز جي بنياد تي ڀاڻ وڌيڪ وڪرو ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري رهيو آهي

بقايا سنڌيار 33

ناصرخان دادو جيل اندر قيدين جي تعليم بالغان واري اسڪول جي افتتاح دوران موجود ضلعي عملدارن ۽ قيدين سان ڳالهائيندي ڪيو. ان کان اڳ ڊي آءِ جي جيل حيدرآباد دادو جيل پهچڻ تي کيس دادو پوليس پاران سلامي ڏني وئي. ان بعد ڊي آئي جي پرزن اينڊ ڪرڪشن سروس حيدرآباد محمد ناصر خان جيل جا مختلف شعبا جن ۾ ڪچن . جيل اندر قائم اسپتال. رانڌ جو ميدان . قيدين کي ملندڙ تعليم . لائبريري ۽ ٻين سهولتن جو جائزو ورتو ۽ قيدين سان ملاقات ڪئي ۽ قيدين کي ملندڙ سهولتن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي جيل سپرنٽينڊنٽ امتياز علي سومرو قيدين کي ملندڙ سهولتن ۽ جيل جي ٻين مسئلن تي ڪيس بريفنگ ڏني ان موقعي تي ڊي ايڇ او دادو ڊاڪٽر عبدالحميد کهارو پنهنجي ٽيم سميت جيل اندر قائم اسپتال ۾ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي جتي مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽرن قيدين جو چيڪ اپ ڪيو ۽ مريض قيدين جو علاج ڪيو . ان موقعي تي ڊي آئي جي بيلي ڪاٽي دادو پاران فراهم ڪيل وڻن جا ٻوٽا لڳايا . ڊي آءِ جي حيدرآباد تجويز ڏني ته موجوده محترمه شهيد بينظير ڀٽو ليڊيز ۽ چلڊرين پارڪ وٽ جيڪو برصغير جو پراڻو جيل (1835ع) ۾ قائم ڪيو ويو هيو جي جاءِ تي يادگار طور پراڻي جيل جو بورڊ لڳايو وڃي ته جيئن ان کي قومي اثاثي طور ياد ڪيو وڃي. هن جيل سپرنٽينڊنٽ کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجون ڪوششون وٺي بيلي ڪاٽي دادو کان به کان ٽي هزار وڻ وٺي جيل جي حدن اندر لڳرائي ته جيل اندر سبزڪاري ۽ خوبصورتي کي يقيني بڻائي سگهجي. ڊي آءِ جي بلڊنگ جي انجنيئر کي چيو هو جيل جي پيئڻ جي پاڻي واري ٽانڪي، بئريڪن ۽ واش رومن جو ضروري ڪم ڪرائي ته جيئن جيل اندر سهولت کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ قيدي حفاظت سان رهي سگهن. ڊي آءِ جي ، اين سي ايڇ جي اختيارين کي صلاح ڏني ته هو جيل اندر پيننٽنگ جو استاد مقرر ڪري ڏين ته جيئن قيدي ضروري سکيا حاصل ڪري معاشري جا ڪارآمد شهري بڻجي سگهن . ان موقعي تي جيل سپرنٽينڊنٽ ٻڌايو ته جيل اندر قيدين جي رکڻ جي گنجائش 250 آهي جڏهن ته وقت جيل اندر 338 قيدي موجود آهن . ان موقعي تي ليگل ايڊ ڪميٽي طرفان آيل ايڊووڪيٽ ميڊم ثمينا لغاري ٻڌايو سندس اين جي او (ليگل ايڊ ڪميٽي) پاران ضرورت مند قيدين کي فري قانوني مدد فراهم ڪري رهي آهي

بقايا سنڌيار 34

برادري جي سوين ماڻهن پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو جن کي پيپلزپارٽي جي اڳواڻن بگٽي برادري جي ماڻهن کي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ تي ڀليڪار ڪئي. ان موقعي تي پيپلز پارٽي جي اڳواڻن حاڪم جسڪاڻي، تاج محمد وسان، بشير احمد خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جڏهن به اقتدار حاصل ڪيو آهي ان کي عوام جي طاقت ذريعي حاصل ٿيو آهي، پيپلزپارٽيءَ کي ماضي ۾ عوام کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۾ پيپلز کي عوام کان پري نه ڪري سگهيا هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوامي ۽ پارلياماني سياست ڪئي آهي، پاڪستان پيپلز پارٽي عوام کي روزگار فراهم ڪرڻ ۽ سندن دهليز تي مسئلا حل ڪرڻ تي يقين رکي ٿي، ايندڙ اليڪشن ۾ بلدياتي اليڪشن جيان ڪراچي ۾ ڪاميابي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٿيندي، پروگرام ۾ مير منصور احمد سولنگي، عرفان چانڊيو رجب لاشاري جي ايم چانڊيو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 35

تفصيل موجب .سکر جي گورمينٽ جي مولاٽي شيدائي بوائز اسڪول ۾ بلڊنگس مان نڪتل لوهه گيڊر، ٽئير، سريئو ۽ ٻگل ٽٽل فرنيچر کي غير قانوني طريقي سان ڪريشن ڪرڻ لاءِ ٽينڊر ڪرائي آڪشن ڪرڻ بدران تعليم کاتي سکر جي ڊي او سيد صفدر علي شاهه پاران ليٽر لکي هيڊ ماستر تاج محمد چنو کي چوٽ ڏني آهي ته سرڪاري اسڪول جو لوهه جيڪو قيمتي آهي ان کي ڪنهن ڪٻاڙي وٽ وڪرو ڪيو وڃي زريعن جي ڄاڻ موجب اهو لوهه ڪٻاڙي کي وڪرو ڪرڻ بدران پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ اهو هربو استعمال ڪري سرڪاري خزاني ۾ چند رپيا ڊيڪاريا ويندا جيڪو سرڪاري خزاني کي لکين رپين جو نقصان ٿيندو اهڙي غير قانوني لوهه وڪرو ڪرڻ واري تعليم کاتي جي لکيل ليٽر کي سماجي سڄاڻ ڌرين پاران رد ڪندي چيو آهي ته سرڪاري اسڪول جو لوهه جو قانوني طريقي سان ٽينڊر ڪرائي آڪشن ڪرايو وڃي جيڪا رقم آڪشن ۾ ٿئي اها رقم سرڪاري اسڪول تي خرچ ڪئي وڃي جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته عدالت جو در ڪڙڪائيندا ايجوڪيشن منسٽر ڊي جي نيب سکر ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن سنڌ ۽ ٻين بالا آفيسرن کان انهن ڪرپٽ ملازم آفيسرن ۽ انهن جي فرنٽ مينن جي خلاف جاچ ڪري قانوني ڪاروائي ڪري ڪيس داخل ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 36

تماشائي بڻيل آهن . اڳواڻ تفصيل موجب وحدت المسلمين خانپور طرفان فلسطين جي بي گناهه قتل ٿي ويل سان اظهار همدردي ۽ اسرائيل جي ظلم ۽ بربريت خلاف حسيني مسجد ڪان احتجاجي ريلي پريس ڪلب پهتي جتي اسرائيل جي جهنڊي کي باهه ڏئي ساڙي اسرائيل سان نفرت جو اظهار ڪيو ويو. احتجاجي ريلي ۾ مجلس وحدت المسلمين ضلع شڪارپور جي صدر زوار اصغر علي سيٺار خصوصي شرڪت ڪئي جتي ڳالهائيندي هن جو چوڻ هو ته اسرائيل مظلوم فلسطيني مسلمانن جي مٿان ظلم جا پهاڙ ڪيري رهيو آهي جنهن ۾ آمريڪا اسرائيل جو ساٿي بڻيل آهي مظلوم فلسطينين جي ٻارڙن جا لاشن جا ٽڪرا ڪيا وڃن ٿا پر مسلمان ملڪن سعودي عرب سميت سوين مسلمان ملڪن خاموش آهن. مظلوم فلسطينين جي مٿان ظلم وڌندو رهي ٿو پاڪستان سميت سموري دنيا جي مسلمانن کي فلسطين جي حمايت ۾ تڪري اسرائيل جي خلاف بيهڻو پوندو ٻئي صورت ۾ سڀني مسلمان ملڪن کي نشانو بڻايو ويندو . احتجاجي ريلي ۾ مولوي اويس احمد چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته سعودي عرب هڪ عرب ملڪ آهي فلسطيني به عرب آهن پر عرب ملڪن جي خاموشي سبب فلسطين جي مظلوم فلسطينين مسلمانن مٿان اسرائيل بمباري ڪري غزه کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي پاڪستان سميت مسلمان ملڪن کي غيرت جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ۽ اسرائيل جي خلاف کلي جهاد ڪرڻ گهرجي ۽ بيت المقدس قبله اول کي آزاد ڪرائڻ گهرجي، ريلي ۾ مجلس وحدت المسلمين تعلقه خانپور جي اڳواڻ طاهر سيٺار، ايوب آغاڻي، زوار عبدالغفور، قربان شاهه ڪاظمي، رياض آغاڻي، زيد علي شاهه، ڪامران بلوچ، ياسين ابڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ آخر ۾ فلسطين جي مسلمانن جي لاءِ دعا خير گهري وئي

بقايا سنڌيار 37

خلاف احتجاج خبر موجب خانپور پرسان فيضو ٿاٽي جي حد ڳوٺ قادر بخش بنگلاڻي جي رهواسي فيض محمد بنگلاڻي خانپور پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان رات جو پنهنجي گهر ستو پيو هوس ته ٻاهر ڪجهه آواز ٻڌڻ ۾ آيا جڏهن گهر کان ٻاهر نڪتس ته ڪجهه ماڻهو منهنجي گهر ٻاهران بيٺا هئا جنڪي هٿن ۾ چوري وارا اوزار رنبو ۽ هٿيار هئا مون پڇا ڪئي ته ڇو بيٺا آهيو ته اهي ڇوڻ لڳا اسان پنهنجي ڪم سان بيٺا آهيون مان گهر ويس صبح جو اٿيس ته منهنجي گهر مان منهنجو رڪشو چوري ٿيل هو مان ڪجهه ماڻهو ولي رات جو منهنجي گهر ٻاهران بيٺل ماڻهن ڏانهن ويس ته رات توهان منهنجي گهر ٻاهران بيٺا هئا ۽ منهنجي چوري ٿيل آهي جنهن تي اهي مونسا وڙهي پيا مونکي ڌڪ هٿي پڇي ويا مان فيضو ٿاٽي تي ٿالي وار جوابدار عزيز احمد ڀهوڙ نجيب ڀهوڙ ۽ راجا ڀهوڙ خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي مان غريب ماڻهو آهيان رڪشو هلائي پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ پاليندو آهيان مٿين جوابدارن منهنجو رات رڪشو چوري ڪيو آهي انهن خلاف ايڪشن ڪٺو پوليس اين سي داخل ڪري جاچ جو چيو آهي منهنجي چوري ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿي ڪري هن وڌيڪ چيو ته منهنجي اڳ به ڪيترائي ڀيرا چوري ٿي آهي مان اعليٰ اختيارن ايس ايس پي شڪارپور کان مطالبو ٿو ڪيان ته منهجي چوري ۾ ملوث ڀهوڙ برادري جا چور گرفتار ڪيا وڃن ۽ مونسان انصاف ڪيو وڃي، مان پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏيندس

بقايا سنڌيار 38

ناصرخان دادو جيل اندر قيدين جي تعليم بالغان واري اسڪول جي افتتاح دوران موجود ضلعي عملدارن ۽ قيدين سان ڳالهائيندي ڪيو. ان کان اڳ ڊي آءِ جي جيل حيدرآباد دادو جيل پهچڻ تي کيس دادو پوليس پاران سلامي ڏني وئي. ان بعد ڊي آئي جي پرزن اينڊ ڪرڪشن سروس حيدرآباد محمد ناصر خان جيل جا مختلف شعبا جن ۾ ڪچن . جيل اندر قائم اسپتال. رانڌ جو ميدان . قيدين کي ملندڙ تعليم . لائبريري ۽ ٻين سهولتن جو جائزو ورتو ۽ قيدين سان ملاقات ڪئي ۽ قيدين کي ملندڙ سهولتن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي جيل سپرنٽينڊنٽ امتياز علي سومرو قيدين کي ملندڙ سهولتن ۽ جيل جي ٻين مسئلن تي ڪيس بريفنگ ڏني ان موقعي تي ڊي ايڇ او دادو ڊاڪٽر عبدالحميد کهارو پنهنجي ٽيم سميت جيل اندر قائم اسپتال ۾ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي جتي مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽرن قيدين جو چيڪ اپ ڪيو ۽ مريض قيدين جو علاج ڪيو . ان موقعي تي ڊي آئي جي بيلي ڪاٽي دادو پاران فراهم ڪيل وڻن جا ٻوٽا لڳايا . ڊي آءِ جي حيدرآباد تجويز ڏني ته موجوده محترمه شهيد بينظير ڀٽو ليڊيز ۽ چلڊرين پارڪ وٽ جيڪو برصغير جو پراڻو جيل (1835ع) ۾ قائم ڪيو ويو هيو جي جاءِ تي يادگار طور پراڻي جيل جو بورڊ لڳايو وڃي ته جيئن ان کي قومي اثاثي طور ياد ڪيو وڃي. هن جيل سپرنٽينڊنٽ کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجون ڪوششون وٺي بيلي ڪاٽي دادو کان به کان ٽي هزار وڻ وٺي جيل جي حدن اندر لڳرائي ته جيل اندر سبزڪاري ۽ خوبصورتي کي يقيني بڻائي سگهجي. ڊي آءِ جي بلڊنگ جي انجنيئر کي چيو هو جيل جي پيئڻ جي پاڻي واري ٽانڪي، بئريڪن ۽ واش رومن جو ضروري ڪم ڪرائي ته جيئن جيل اندر سهولت کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ قيدي حفاظت سان رهي سگهن. ڊي آءِ جي ، اين سي ايڇ جي اختيارين کي صلاح ڏني ته هو جيل اندر پيننٽنگ جو استاد مقرر ڪري ڏين ته جيئن قيدي ضروري سکيا حاصل ڪري معاشري جا ڪارآمد شهري بڻجي سگهن . ان موقعي تي جيل سپرنٽينڊنٽ ٻڌايو ته جيل اندر قيدين جي رکڻ جي گنجائش 250 آهي جڏهن ته وقت جيل اندر 338 قيدي موجود آهن . ان موقعي تي ليگل ايڊ ڪميٽي طرفان آيل ايڊووڪيٽ ميڊم ثمينا لغاري ٻڌايو سندس اين جي او (ليگل ايڊ ڪميٽي) پاران ضرورت مند قيدين کي فري قانوني مدد فراهم ڪري رهي آهي.

بقايا سنڌيار 39

ناصرخان دادو جيل اندر قيدين جي تعليم بالغان واري اسڪول جي افتتاح دوران موجود ضلعي عملدارن ۽ قيدين سان ڳالهائيندي ڪيو. ان کان اڳ ڊي آءِ جي جيل حيدرآباد دادو جيل پهچڻ تي کيس دادو پوليس پاران سلامي ڏني وئي. ان بعد ڊي آئي جي پرزن اينڊ ڪرڪشن سروس حيدرآباد محمد ناصر خان جيل جا مختلف شعبا جن ۾ ڪچن . جيل اندر قائم اسپتال. رانڌ جو ميدان . قيدين کي ملندڙ تعليم . لائبريري ۽ ٻين سهولتن جو جائزو ورتو ۽ قيدين سان ملاقات ڪئي ۽ قيدين کي ملندڙ سهولتن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي جيل سپرنٽينڊنٽ امتياز علي سومرو قيدين کي ملندڙ سهولتن ۽ جيل جي ٻين مسئلن تي ڪيس بريفنگ ڏني ان موقعي تي ڊي ايڇ او دادو ڊاڪٽر عبدالحميد کهارو پنهنجي ٽيم سميت جيل اندر قائم اسپتال ۾ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي جتي مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽرن قيدين جو چيڪ اپ ڪيو ۽ مريض قيدين جو علاج ڪيو . ان موقعي تي ڊي آئي جي بيلي ڪاٽي دادو پاران فراهم ڪيل وڻن جا ٻوٽا لڳايا . ڊي آءِ جي حيدرآباد تجويز ڏني ته موجوده محترمه شهيد بينظير ڀٽو ليڊيز ۽ چلڊرين پارڪ وٽ جيڪو برصغير جو پراڻو جيل (1835ع) ۾ قائم ڪيو ويو هيو جي جاءِ تي يادگار طور پراڻي جيل جو بورڊ لڳايو وڃي ته جيئن ان کي قومي اثاثي طور ياد ڪيو وڃي. هن جيل سپرنٽينڊنٽ کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجون ڪوششون وٺي بيلي ڪاٽي دادو کان به کان ٽي هزار وڻ وٺي جيل جي حدن اندر لڳرائي ته جيل اندر سبزڪاري ۽ خوبصورتي کي يقيني بڻائي سگهجي. ڊي آءِ جي بلڊنگ جي انجنيئر کي چيو هو جيل جي پيئڻ جي پاڻي واري ٽانڪي، بئريڪن ۽ واش رومن جو ضروري ڪم ڪرائي ته جيئن جيل اندر سهولت کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ قيدي حفاظت سان رهي سگهن. ڊي آءِ جي ، اين سي ايڇ جي اختيارين کي صلاح ڏني ته هو جيل اندر پيننٽنگ جو استاد مقرر ڪري ڏين ته جيئن قيدي ضروري سکيا حاصل ڪري معاشري جا ڪارآمد شهري بڻجي سگهن . ان موقعي تي جيل سپرنٽينڊنٽ ٻڌايو ته جيل اندر قيدين جي رکڻ جي گنجائش 250 آهي جڏهن ته وقت جيل اندر 338 قيدي موجود آهن . ان موقعي تي ليگل ايڊ ڪميٽي طرفان آيل ايڊووڪيٽ ميڊم ثمينا لغاري ٻڌايو سندس اين جي او (ليگل ايڊ ڪميٽي) پاران ضرورت مند قيدين کي فري قانوني مدد فراهم ڪري رهي آهي.

بقايا سنڌيار 40

تفصيل موجب .سکر جي گورمينٽ جي مولاٽي شيدائي بوائز اسڪول ۾ بلڊنگس مان نڪتل لوهه گيڊر، ٽئير، سريئو ۽ ٻگل ٽٽل فرنيچر کي غير قانوني طريقي سان ڪريشن ڪرڻ لاءِ ٽينڊر ڪرائي آڪشن ڪرڻ بدران تعليم کاتي سکر جي ڊي او سيد صفدر علي شاهه پاران ليٽر لکي هيڊ ماستر تاج محمد چنو کي چوٽ ڏني آهي ته سرڪاري اسڪول جو لوهه جيڪو قيمتي آهي ان کي ڪنهن ڪٻاڙي وٽ وڪرو ڪيو وڃي زريعن جي ڄاڻ موجب اهو لوهه ڪٻاڙي کي وڪرو ڪرڻ بدران پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ اهو هربو استعمال ڪري سرڪاري خزاني ۾ چند رپيا ڊيڪاريا ويندا جيڪو سرڪاري خزاني کي لکين رپين جو نقصان ٿيندو اهڙي غير قانوني لوهه وڪرو ڪرڻ واري تعليم کاتي جي لکيل ليٽر کي سماجي سڄاڻ ڌرين پاران رد ڪندي چيو آهي ته سرڪاري اسڪول جو لوهه جو قانوني طريقي سان ٽينڊر ڪرائي آڪشن ڪرايو وڃي جيڪا رقم آڪشن ۾ ٿئي اها رقم سرڪاري اسڪول تي خرچ ڪئي وڃي جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته عدالت جو در ڪڙڪائيندا ايجوڪيشن منسٽر ڊي جي نيب سکر ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن سنڌ ۽ ٻين بالا آفيسرن کان انهن ڪرپٽ ملازم آفيسرن ۽ انهن جي فرنٽ مينن جي خلاف جاچ ڪري قانوني ڪاروائي ڪري ڪيس داخل ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 41

مختلف رهائشي ۽ ڪمرشل روڊن سميت شهر جي اهم ۽ مصروف روڊن تي ترقياتي ڪمن جي ٽالي تي وڏي پشماني تي ناهيل روڊن کي داهڻ ڪانپوءِ ترقياتي ڪمن ۽ سرڪاري خزاني کي تباهه ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. شهر جي مختلف علائقن ۾ روڊن جي ڪوٽائي ۽ ملبو روڊن تي اڇلايو پيو وڃي. جنهن سبب علائقي جي رهواسين سميت مسافر گاڏين کي آمد و رفت ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. پر انتظاميه ڪو به ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. روڊ تي پيل ملبي سبب شهرين کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو. سکر انتظاميه سميت شهرين چيف جسٽس آف پاڪستان، سنڌ جي وڏي وزير، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677 ABC Certified
روزاني سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com